روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 25 جنوري 2023ع بمطابق 02 رجب المجرب 1444هـ (قيمت 10 روپيا) شمارو 243

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پي ٽي آءِ جي وڏيڪ 43 ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪري ورتيون

الڪشن ڪميشن کي به پي ٽي آءِ ميمبرن جون استعيفائون ملي ويون آهن، الڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ ميمبرن کي ڊي نوٽيفاءِ ڪرڻ بابت اڄوڪي اجلاس ۾ فيصلو ڪندو

پي ٽي آءِ ميمبرن جي ڊي نوٽيفاءِ نه ڪرڻ جي درخواست جو به جائزو ورتو ويندو، اسيمبلي جي ڪا حيثيت ناهي، اسان جي واپسي جو مقصد راجا رياض کي هٽائڻ هو: فواد چوڌري

محدود اڱڻ ۾ اسيمبلي رڄڻ جو مقصد راجا رياض کي اپوزيشن اڳواڻ جي عهدي تان هٽائڻ لاءِ هو، اسپيڪر ان کي بچائڻ لاءِ قدم ڪنيو، هن قومي اسيمبلي جي ڪا به حيثيت ناهي جو اسان ان ۾ واپس رڄون

هن وقت شهباز حڪومت 172 ماڻهن جي حمايت وڃائي چڪي آهي، امپورٽيڊ وزيراعظم حڪومت بچائڻ جي لاءِ لوٽن تي پاڙي رهيو آهي، اسپيڪر جي ڪنيل قدمن جي نتيجي ۾ 40 سيڪڙو سيٽون خالي ٿي چڪيون آهن

ملڪ چونڊن جي وڏيڪ ريجهواچي رهيو آهي، هن بحران جو هڪڙو ئي حل قومي چونڊون آهن، حڪومت ڪيترو وقت عوام کان پڇندي آخري فيصلو وري به عوام کي ڪرڻو آهي ۽ اهو فيصلو روڪ سان ٿيندو

پي ٽي آءِ جي هينئر تائين 123 ميمبرن جون استعيفائون منظور ٿي چڪيون آهن، ٻن ميمبرن جون استعيفائون انهن جي موڪل جي درخواست سبب منظور ناهن ڪيون ويون: اسپيڪر آفيس

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف پي ٽي آءِ جي وڏيڪ 43 ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪري ورتيون. اسپيڪر پي ٽي آءِ ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪري الڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻي چڏيون آهن جنهن جا بعد ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويندا. پي ٽي آءِ جي استعيفائون ڏيندڙ ميمبرن کان علاوه صرف 2 ميمبر قومي اسيمبلي ۾ رهجي ويا آهن. گذريل ڏينهن پي ٽي آءِ جي 45 ميمبرن استعيفائون واپس وٺڻ جي درخواست ڪئي هئي جنهن مان 43 ميمبرن جون استعيفائون منظور ٿي ويون. اسپيڪر آفيس جي ذريعن موجب پي ٽي آءِ جي هينئر تائين 123 ميمبرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مُلڪ ڏکين حالتن مان گذري رهيو آهي، آئي ايم ايف جو سموريون شرطون مڃڻ لاءِ تيار آهيون: شهباز شريف

ته جڏهن خادم اعليٰ پنجاب ۾ هو ته نوجوانن کي بنا سود قرض ڏنا ۽ نوجوانن ۾ ليپ ٽاپ ورهايا، هو نوجوانن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ چاهين ٿا

ماضي ۾ 40 ارب جا قرض ڏنا ويا ۽ وصولي 90 سيڪڙو هئي، نواز شريف جي دور ۾ 15 ارب رپين جا ليپ ٽاپ نوجوانن کي ڏنا ويا: وزيراعظم

5 لکن تائين جي قرضن تي ڪو به سود نه ورتو ويندو، نوجوانن کي 5 کان 15 لک تائين جي قرض تي 5 سيڪڙو سود ملندو: ن ليگ جو صدر

15 لک کان 75 لک تائين قرض تي 7 سيڪڙو سود ادا ڪرڻو پوندو، آءِ ايم ايف کي پيغام ڏنو آهي ته اسان پنهنجو پروگرام مڪمل ڪرڻ چاهيون ٿا

اسان انتهائي ڏکي مرحلي مان گذري رهيا آهيون، اسان آءِ ايم ايف کي واضح پيغام ڏنو آهي ته اسان چاهيون ٿا ته 9 هين جائزو بغير ڪنهن دير جي مڪمل ڪيو وڃي

تيل جي درآمد تي بچت لاءِ اعلان کان وڏيڪ قدمن جي ضرورت آهي، هڪ صوبائي حڪومت رات 8:30 وڳي دڪان بند ڪرڻ تي پابندي لاڳو ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته هو رياست بچائڻ لاءِ سياسي ڪمائي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن. وزيراعظم وزيراعظم يوٿ بزنس اينڊ ايگري لون اسڪيم جو افتتاح ڪيو ان اسڪيم تحت نوجوانن کي قرض فراهم ڪيو ويندو. اسلام آباد ۾ تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته جڏهن خادم اعلا پنجاب ۾ هو ته نوجوانن کي بنا سود قرض ڏنا ۽ نوجوانن ۾ ليپ ٽاپ ورهايا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي

نواز شريف جو رانا ثناءَ الله کي عمران خان جا پول پڌرا ڪرڻ جو تاسڪ

ملاقات ۾ پنجاب جي بين ضلعن جي صدرن جي اميدوارن جي نالن تي به مشاورت ڪئي وئي

انٽرا پارٽي چونڊن تي به غور ڪيو ويو، نواز شريف، رانا ثناءَ الله کي پنجاب جي سياست بابت تاسڪ ڏنا

لنڊن (م ڊ) لنڊن ۾ ن ليگ قائد نواز شريف، ن ليگ جي سينيئر نائب صدر مريم نواز ۽ گهرو وزير رانا ثناءَ الله ۾ ملاقات ۾ پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

توشا خانه مان تحفا خريد ڪرڻ تي پابندي هٽڻ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ غور ويچار بعد سمورا تفصيل عوام آڏو پڌرا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي ڪابينا طرفان توشا خانه مان تحفا خريد ڪرڻ تي پابندي هٽڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. رڪارڊ به منظر عام تي آڻڻ جو اشارو ڏنو ويو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو. اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ڪرغيزي پبلڪ جو سفير ملاقات ڪندي

مُلڪ ۾ لکين ماڻهو خوراڪ جي ڪوٽ جو شڪار، عالمي بئنڪ چرڪائندڙ انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا

ٻوڏ جي نتيجي ۾ سوين ماڻهو پنهنجي زندگي تان هٿ ڌوئي ويٺا، نوڏهائي چار ملين ايڪڙ اراضي تي بيٺل فصل مڪمل طور تباهه ٿي ويا

سڀ کان وڏيڪ نقصان سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٿيو، رپورٽ ۾ ڄڻايو ويو آهي ته ٻوڏ ڪانپوءِ مُلڪ ۾ ڪاڏي پيتي واري شين جي اڳهن ۾ واڌ آئي

ڪراچي (م ڊ) مُلڪ ۾ لکين ماڻهو خوراڪ جي ڪوٽ جو شڪار، عالمي بئنڪ چرڪائندڙ انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا عالمي بئنڪ چيو آهي ته پاڪستان ۾ گذريل چوماسي دوران سخت برسات ۽ بدترين ٻوڏ جي نتيجي ۾ سڄي ملڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: نيڪالي واري نظام جي وڏيڪ بهتري لاءِ بهتر قدم کنيا وڃن: سيد صلاح الدين

جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي شهر جي بهتري لاءِ ايمان وڏيڪ ڪم ڪريون، انشاءَ الله واٽر بورڊ پنهنجي اصل مقصدن ۾ ضرور ڪامياب ۽ سرخرو ٿيندو

شهرين کي نيڪالي جون وڏ کان وڏ بهتر سهولتن فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان سنا قدم کنيا پيا وڃن

پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح ۾ شامل آهي، اسان سڀني کي گڏجي شهر جي وڏيڪ بهتري لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي شهر ۾ نيڪالي واري نظام جي وڏيڪ بهتري لاءِ بهتر حڪمت عملي اختيار ڪندي موٽر ۽ تڪوا قدر کنيا وڃن، جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي شهر جي بهتري لاءِ اجان وڏيڪ ڪم ڪريون ته انشاء الله واٽر بورڊ پنهنجي اصل مقصدن ۾ ضرور ڪامياب ۽ سرخرو ٿيندو، شهرين کي نيڪالي جون وڏ کان وڏ بهتر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

وڏي وزير کي 24 ڪلاڪن ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ڪيبل قدمن بابت اپڊيٽس آءِ جي ڪراچي جاويد اولڊ رپورٽ پيش

ڪراچي (رپورٽر): سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ڏوهن جي روڪٿام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بجلي جو بريڪ ڊائون، وزيراعظم جي قوم کان معذرت

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم بجلي جي بريڪ ڊائون واري معاملي تي قوم کان معذرت ڪري ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

بس قرض ڏيو: حڪومت آءِ ايم ايف اڳيان گوڏا ڪوڙي ڇڏيا، ڪيترائي سخت شرط قبول

پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ ورچوئل ڳالهيون شروع ٿي ويون آهن، اسلام آباد جائزي ڪانپوءِ پروگرام بحال ڪرڻ تي اصرار ڪري ورتو

گئس تڪڙي مهانگي ڪري ڇڏيندا سين، پيٽرول تي ليوي به وڌائي رهيا آهيون، ٽيڪس به پورا ڪنداسين، بس توهان قرض ڏيو

رپئي جي قدر ۾ واڌ کي هٿرادو طريقي سان نه روڪيو وڃي، بجلي جي سبسڊي به ختم ڪئي وڃي، ٽيڪس جي ڊي پي شرح وڌائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان آءِ ايم ايف کي گئس مهانگي ڪرڻ ۽ پيٽرول ليوي وڌائڻ جي خاطري ڪرائي ڇڏي. پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ ورچوئل ڳالهيون شروع ٿي ويون آهن، جنهن ۾ اسلام آباد جائزي ڪانپوءِ پروگرام بحال ڪرڻ تي اصرار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وڏي وزير سان اسد محمود جي ملاقات، سنڌ ۾ جاري اسڪيمن بابت ڳالهيون

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان مواصلات واري وفاقي وزير اسد محمود جي اين ايچ اي ٽيم جي ملاقات ڪئي

ڪيپٽن محمد خرم، ميمبر سنڌ اين ايچ اي منير ميمڻ، ميمبر فنانس اين ايچ اي محمد طيب ۽ ٻيا شرڪت ڪندڙ شامل آهن

وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير ضياءِ عباس شاهه، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، پرنسپل سيڪريٽري فياض جتوئي، سيڪريٽري فنانس ساجد جمال انڙ ۽ ٻيا به موجود آهن

ملاقات ۾ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ۽ سنڌ حڪومت وچ ۾ هلندڙ روڊن جي اسڪيمن ۽ انهن جي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

سنڌ جي وڏي وزير ايم 9 حيدرآباد ـ ڪوڪراپار ذريعي ميرپورخاص روڊ، جامشورو ـ سيوهڻ، گهارو ـ ڪيٽي بندر بابت خيالن جي ڏي وٺ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان مواصلات واري وفاقي وزير اسد محمود جي اين ايچ اي ٽيم جي ملاقات ڪئي. ٽيم ۾ سيڪريٽري ڪميونيڪيشن ڪيپٽن محمد خرم، ميمبر سنڌ اين ايچ اي منير ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سموري ملڪ ۾ بجلي جو نظام مڪمل طور تي بحال ڪيو ويو آهي: خرم دستگير

گذريل ڏينهن صبح ساڍي ستين وڳي ٽيڪنيڪي خرابي ٿي هئي جنهن جي ايان تائين خبر ناهي پئجي سگهي

ڪوئلي جي پلانٽن کي به هلائڻ لاءِ 2 ڏينهن لڳندا ان لاءِ ايندڙ 48 ڪلاڪن تائين ملڪ ۾ بجلي جي ڪوٽ رهندي

اسان کي جاچ ڪرڻي پوندي اسان جو سسٽم هيڪنگ ذريعي ٻاهران مداخلت ته ناهي ٿي ان ڳالهه جي به جاچ ڪئي ويندي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف بجلي جي بريڪ ڊائون تي قوم کان معذرت ڪري ڇڏي آهي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو ته گذريل ڏينهن بجلي جي بريڪ ڊائون تي شهرين کي پهچندڙ تڪليف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عسڪري قيادت آئين ۽ قانون جي تابع هجي ته ملڪ خوشحال ٿي ويندو: اعظم سواتي

اسان جي نئين عسڪري قيادت جيڪڏهن پاڻ کي آئين ۽ قانون جي تابع ڪري ڇڏي ته ملڪ خوشحال ٿي ويندو

ملڪ کي نه جوهري طاقت ۽ نه آرمي بچائي سگهي ٿي پران کي اسان جو عزم بچائي سگهي ٿو: پي ٽي آءِ اڳواڻ

اسان جي نئين عسڪري قيادت جيڪڏهن پاڻ کي آئين ۽ قانون جي تابع ڪري ڇڏي ته ملڪ خوشحال ٿي ويندو

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ اعظم سواتي چيو آهي ته اسان جي نئين عسڪري قيادت جيڪڏهن پاڻ کي آئين ۽ قانون جي تابع ڪري ڇڏي ته ملڪ خوشحال ٿي ويندو لاهور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي اعظم سواتي چيو ته ملڪ خوشحال ٿي ويندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور: تحريڪ انصاف اڳواڻ اعظم سواتي پريس ڪانفرنس ڪندي

عدالت ۾ هڪ انوڪو ڪيس داخل مالهي ڊاڪٽر جي عهدي تي ترقي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي درخواست ڏئي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) عدالت ۾ هڪ انوڪو ڪيس داخل مالهي ڊاڪٽر جي عهدي تي ترقي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي درخواست ڏئي ڇڏي آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس عدنان ڪريم ميمڻ تي ٻڌل به رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. درخواستگذار مالهي محمد سهيل پنهنجي درخواست ۾ چيو ته ضلعي ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

گهوٽڪي: ڪچي واري علاقي ۾ پوليس جي ڪارروائي، 16 ڏاڙيل مارجي ويا

ڪچي ۾ آپريشن دوران 16 مغوين کي بازياب ڪرايو ويو، سنڌ پنجاب چيڪ پوسٽ تي 66 جڻن کي اغوا ٿيڻ کان بچايو ويو: ڊي پي او اختر فاروق

ڪچي واري علاقي ۾ ڏاڙيلن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت پوليس لاءِ جديد هٿيار خريد ڪرڻ لاءِ پاڪستان آرڊيننس فيڪٽري سان رابطو ڪري ورتو آهي

پوليس مشرقي يورپي ملڪ آرمينيا مان جديد رائفلون ۽ ڊارڪ ڊيوٽي دوربين ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول گاڏيون به خريد ڪري رهي آهي

گهوٽڪي (رپورٽر) پوليس جي اغوا ۽ پنگ جي واردات خلاف ڪارروائي ۾ 16 ڏاڙيل مارجي ويا. ڊي پي او اختر فاروق موجب ڪچي ۾ آپريشن دوران 16 مغوين کي بازياب ڪرايو ويو. جڏهن ته سنڌ پنجاب چيڪ پوسٽ تي 66 جڻن کي اغوا ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪوٽڙي ۾ بند پيل ڪارخاني تي پوليس جو ڇاپو، 5 ڪروڙ رپين جي مالڪيت جي منشيات هٿ

ڊي آءِ جي حيدرآباد پير محمد شاهه جي اڳواڻي ۾ پوليس سائيٽ ايريا ۾ بند پيل ڪارخاني تي ڇاپو هنيو

چيپي دوران مين پڙيون، گنڪر ۽ ٻين نشي آور شيون هٿ ڪري ورتيون آهن پوليس جي ڇاپي دوران ڪارخاني جو مالڪ فرار ٿي ويو

ڪوٽڙي جي تاريخ جي وڏي ڪارروائي آهي، جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو: ڊي آءِ جي حيدرآباد جي رپورٽ

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ بند پيل ڪارخاني تي پوليس جو ڇاپو، 5 ڪروڙ رپين جي مالڪيت جي منشيات هٿ ڪئي وئي آهي ڊي آءِ جي حيدرآباد پير محمد شاهه جي اڳواڻي ۾ پوليس سائيٽ ايريا ۾ بند پيل ڪارخاني تي ڇاپو هڻي وڏي مقدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: آرٽس ڪونسل ڪراچي طرفان يوٿ فيسٽيول 2023 جو شاگردياڻيون امتحان ڏيندي

آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ملڪ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي ڪوٽ بابت اڳڪٿين جي ترديد ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ملڪ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي ڪوٽ بابت اڳڪٿين جي ترديد ڪري ڇڏي. اوگرا ترجمان جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل وڏي مقدار ۾ موجود آهي. ترتيب وار 18 ۽ 37 ڏينهن جي طلب پوري ڪرڻ لاءِ پيٽرول ۽ ڊيزل جا ذخيرا موجود آهن. هن چيو ته پيٽرول جا هڪ لک هڪ هزار ميٽرڪ ٽن رڪندڙ سامونڊي جهاز برٿ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سڪر-حيدرآباد موٽروي ڪرپشن ڪيس نيب حوالي

مٽياري ۽ نوشهروفيروز کي 7 ارب 71 ڪروڙ 16 لک رپين کان وڏيڪ جا فنڊ جاري ڪيا پر مبينا طور قاعدن ۽ ضابطن جو خيال نه رکيو ويو

3 ارب 61 ڪروڙ رپين کان وڏيڪ وصول ڪندڙ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز تاشفين عالم پرڏيهي اڏام ذريعي آذربائيجان فرار ٿي ويو

4 ارب رپين کان وڏيڪ وصول ڪندڙ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري جي نگراني ۾ مبينا طور تي سوا 2 ارب رپين جي ڪيش ڪيرائي وئي پر زمين نه خريدي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سڪر - حيدرآباد موٽر وي منصوبي ۾ هڪئي پويان انڪشاف سامهون اچن ڪاٿي، ڪيس نيب حوالي ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته ايم 6 موٽر وي منصوبي تحت نيشنل هاءِ وي اٿارٽي زمينن جي خريداري لاءِ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ۽ نوشهروفيروز کي 7 ارب 71 ڪروڙ 16 لک رپين کان وڏيڪ جا فنڊ جاري ڪيا پر مبينا طور قاعدن ۽ ضابطن جو خيال نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: توانائي وارو صوبائي وزير امتياز احمد شيخ اجلاس جي صدارت ڪندي

ملڪ ۾ جاري سياسي بحران جي ذميوار سپريم ڪورٽ آهي: فواد چوڌري

حڪمران عوام سان ڪيڏي رهيا آهن، انهن کي گهرن تائين ڇڏي ايندا سين

اسان تيستائين ترهان جو پيچو ڪنداسين جيستائين ترهان کي سزا نقي ملي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري ملڪ ۾ سياسي بحران جو ذميوار سپريم ڪورٽ کي قرار ڏئي ڇڏيو. لاهور ۾ صحافين سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ سرڪار سرڪاري نوڪري لاءِ عمر جي حد وڌائي ڇڏي

عمر جي حد ۾ واڌ بعد 43 سالن جي عمر وارا اميدوار به سرڪاري نوڪري لاءِ اهل ٿي ويا

عمر ۾ واڌ وارو نوٽيفڪيشن پهرين جولاءِ 2022 کان 30 جون 2024 تائين لاڳو رهندو

ڪراچي (رپورٽر) سرڪاري نوڪرين لاءِ عمر جي حد ۾ 15 سالن جي رعايت ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. سنڌ حڪومت پاران سرڪاري نوڪرين لاءِ عمر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي ۾ ٽڏيون هوائون گهلڻ لڳيون آهن: موسميات کاتو

اترئين علائقن ۾ رات جو پارو 6 کان 4 ڊگري تائين ڪري سگهي ٿو

وچ ۽ اوپر علائقن ۾ پارو 8 کان 5 ڊگري تائين ڪري پوي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ ٽڏ جي سخت لهر برقرار آهي ۽ ڪراچي ۾ اڳاري جي صبح ٽڏيون هوائون گهلڻ سان شهر جو پارو ڪري پيو. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ اڄ صبح پارو 7 ڊگري رڪارڊ ڪيو ويو. جڏهن ته اترئين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: سويڊن ۾ قرآن شريف جي بيحرمتي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڪيليفورنيا ۾ ٽن ڏينهن ۾ فائرنگ جو ٻيو واقعو، 7 ڄڻا مارجي ويا

واقعو فائرنگ جي نتيجي ۾ 11 ماڻهن جي مارجڻ جي صرف ٻن ڏينهن بعد پيش آيو

حملي آور جي سڃاڻپ 67 ورهين رائو چنلي جي نالي سان ٿي آهي: پرڏيهي ميڊيا

ڪراچي (م ڊ) ڪيليفورنيا ۾ هڪ شخص فائرنگ ڪري 7 ماڻهن کي ماري ڇڏيو. هي واقعو هڪ مقامي ڊانس هال ۾ فائرنگ جي نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ايڪسچينج ڪمپنين جو ڊالر جو فڪس ريٽ ختم ڪرڻ جو فيصلو

ان ئي سبب ڊالر مارڪيٽ ۾ به موجود ناهي ۽ بليڪ مارڪيٽ وجود ۾ اچي وئي آهي: ذريعا

سيائي صبح اسٽيٽ بئنڪ جي ڊپٽي گورنر سان ميٽنگ آهي، ماڻهن کي ڊالر ملڻ شروع ٿي ويندو

ڪراچي (م ڊ) ايڪسچينج ڪمپنين ملڪ ۾ ڊالر جي ڪوٽ، وڌندڙ ريٽ ۽ موجوده غير يقيني واري صورتحال سبب ڊالر جو فڪس ريٽ ختم ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

دهشتگردي توڙ عدالت نقيب الله محسور قتل ڪيس جو لڪت ۾ حڪم ناموجاري

عدالت رائو انوار سميت 18 جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏيو، عدالت روپوش 7 جوابدارن جا دائمي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

روپوش جوابدارن ۾ امان الله مروت، گداحسين، محسن عباس، صداقت حسين شاهه، راجه شمير مختار، رانا رياض ۽ شعيب شامل آهن

ڪيس ۾ شڪ شبهات وڏيڪ آهن، ان جو فائدو جوابدارن کي ٿيندو آهي، قاضي جي غلط سزاڏيڻ کان بهتر آهي ته هن کي آزاد ڪيو وڃي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) دهشتگردي توڙ عدالت نقيب الله محسور قتل ڪيس جو لڪت ۾ حڪم ناموجاري ڪري ڇڏيو آهي. عدالت رائو انوار سميت 18 جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي. عدالت روپوش 7 جوابدارن جا دائمي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ٽرانس جينڊر (ڪدڙن) تي تشدد ۽ صحت جي سهولتون سميت ٻيا مسئلا آهن: صوبائي وزير

تعداد جي حوالي سان درست انگ اکر نه هجڻ ڪري ڏکيائي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، ٻوڏ سبب متاثر ٿيندڙ ڪدڙن کي ڪوئي امداد نه ٿي

لکين ٻوڏ متاثرن ايان تائين امداد جي ڳولاه ۾ دربدر ٿي ويا آهن، ٻوڏ سبب سڄي ملڪ ۾ سنڌ صوبو سڀ کان وڏيڪ متاثر ٿيو آهي

ڪيترين ئي جانين تي ٻوڏ جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو آهي، جنهن جي ڪري بيمارين پکڙجي ويو آهن: انيس هارون

ڪراچي (رپورٽر) انساني حقن واري قومي ڪميشن جي ميمبر ۽ اڳوڻي صوبائي وزير انيس هارون چيو آهي ته ٽرانس جينڊر (ڪدڙن) تي تشدد، جنسي حراساڻي جي واقعن، تعليم جي ڪوٽ، بيروزگاري ۽ صحت جي سهولتون سميت ٻيا ڪيترائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: ايل پي جي ڊسٽري بيوٽرز واٽڊ سٽريز ايسوسيئيشن جو چيئرمين عرفان ڪوڪر پريس ڪانفرنس ڪندي

جسٽس طارق مسعود جي سائفر جاچ لاءِ داخل اپيلون ٻڌڻ کان معذرت

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي جسٽس طارق مسعود سائفر جي جاچ لاءِ داخل اپيلون ٻڌڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

وزيراعظم ۽ خواجا سعد جي پروڊڪشن آرڊر خلاف اپيل رد

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ وزيراعظم شهباز شريف ۽ وفاقي وزير خواجا سعد رفيق جي پروڊڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

رزاق آباد روڊ حادثو: اسڪول مان واپس ويندڙ 3 شاگرد فوت

جيڪي اسڪول مان واپس اچي رهيا هئا ته حادثي جو شڪار ٿي ويا، حادثي ۾ ٽئي شاگرد ٽڏي تي فوت ٿي ويا

پوليس ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن ته ڊرائيور واقعي واري هنڌ تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

اسڪول ۾ پڙهڻ کان پوءِ واپس گهر طرف وڃي رهيا هئا ته تيز رفتار ٽرڪ جي ٽڪر ۾ ٽڏي تي فوت ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ملير ويجهو رزاق آباد وٽ خوفناڪ روڊ حادثي جي نتيجي ۾ 3 شاگرد فوت ٿي ويا. پوليس موجب واقعو رزاق آباد پوليس ٽريننگ سينٽر ويجهو پيش آيو جنهن ۾ 3 ڀاڙڙا موٽر سائيڪل تي سوار هئا جيڪي اسڪول مان واپس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ملڪ جي معاشي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي: بلال وقار خان

پاڪستان جون موجوده معاشي حالتون ڪنهن کان ڳجهيون نه آهن، ايل سيز نه کوليا پيا وڃن

بنيادي مسئلن جي ڪري پام آئل سميت روزاني استعمال جي سمورين شين جا ڪارخانا بند آهن

حڪومت جي ناقص پاليسين سبب ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ 50 سيڪڙو ٽيڪس سليبس لڳايو ويندو

سڪر (رپورٽر) صدر بلال وقار خان اڳوڻي صدرن ۽ عهديدارن سان گڏ ملڪ ۾ معيشت جي بگڙيل سنگين صورتحال تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ملڪ جي معاشي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سڪر: بلال وقار خان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

مڪي شريف ۾ 30 نوان جديد محلا اڏجڻ لڳا

رياض (م ڊ) سعودي عرب ۾ مڪه مڪرمه ۽ مشاعر مقدسه (منيٰ، مزدلفه، عرفات) رائل ڪميشن جي ايگزيڪٽو چيئرمين انجنيئر صالح الرشيد چيو آهي ته ڪميشن مڪه جي 30 کان وڏيڪ نون محلن تي ڪم ڪري رهيو آهي. ڪين جديد شڪل ڏني ويندي. هن چيو ته نون محلن جي پنهنجي ڌار سڃاڻ هوندي. اهي مسجد الحرام جي ٻي واڌ. مڪه جي روايتي اڏاوتي طرز ۽ مڪه جي جبلن ۽ ماڻهن جي شڪل صورت جا نمائنده محلا هوندا. هن چيو ته رائل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

گهارو پرسان قديمي ڳوٺ پاڻي هيٺ، ڪي ڊي اي اوور فلو ٿيڻ سبب پاڻي ڳوٺن ۾ داخل

رهواسي سخت پريشان ٿي ويا، ڳوٺن مان پاڻي نيڪال ڪرائي پريشاني کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي

پاڻي اوور فلو ٿيڻ ڪري پاڻي ڳوٺ ۽ گهرن ۾ داخل ٿي ويو آهي، جيڪو ڍنڍ جو ڏيڪ ڏئي رهيو آهي: رهواسي

ڳوٺن توڙي گهرن ۾ داخل ٿيل پاڻي نيڪال ڪرائي پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

گهارو (بشام جوڪيو) گهارو لڳ قديمي ڳوٺ پاڻي هيٺ، واٽر بورڊ انتظاميه جي لاپرواهي سبب KDA نالي ۾ پاڻي اوور فلو ٿيڻ ڪري ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ داخل ٿي ويو، رهواسي سخت پريشان، ڳوٺن مان پاڻي نيڪال ڪرائي پريشاني کان بچائڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گهارو: ڪي ڊي اي اوور فلو ٿيڻ سبب ڳوٺ پاڻي ۾ ٻڏل نظر اچي رهيا آهن

بدين ۾ دواساز ڪمپني ملازم کي نوڪري مان نيڪالي ڏيڻ بعد 54 رپين جو چيڪ ڏئي ڇڏيو

متاثر پورهيت ۽ نوجوان عبدالغفور سومرو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪئي

مون سان ٺڳي ۾ ملوث ۽ گارگند ڪري موتمار ڏمڪيون ڏيندڙ آفيسرن خلاف کارروائي ڪئي وڃي: پورهيت

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) دوا ساز ڪمپني پنهنجي ملازم کي نوڪري مان نيڪالي ڏيڻ بعد رهيل پڪهار ۽ خرچن عيوض 54 رپين جو چيڪ ڏيئي ڇڏيو متاثر ملازم احتجاج تنصيل موجب بدين ۾ هڪ دواساز ڪمپني بدين واسي کي ميڊيڪل ريپ طور نوڪري ڏيڻ بعد ڏيڍ مهيني اندر ئي ڪيس نوڪري مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي آهي ان ڏس ۾ متاثر نوجوان عبدالغفور سومرو پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مورو پوليس جون مختلف علائقن ۾ ڪارروايون، 3 جوابدارن 3 پستلن، 6 موٽرسائيڪلن سميت گرفتار

درس روڊ، سرڪاري اسپتال، دادو روڊ، گڏيرو روڊ، دستگير ڪالوني سميت ٻين علائقن مان ڇاپا مٽي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بعد پڪا ڪيا ڪئي: ڊي ايس پي مورو

ٽنهي جوابدارن ساجد ولد ساجن سولنگي، محسن ولد محمد ڪرڙ سولنگي، عاشق عرف گل ولد نصرالله ٻگهيو مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: ايس ايچ او مورو

اسان جون ڪارروايون شهر مان قرب ۾ چوري ڪيل موٽرسائيڪلون برآمد ڪرڻ لاءِ جاري رهنديون جيئن عوام کي تحفظ ملي سگهي: پريس ڪانفرنس

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو شهر مختلف هنڌن تان قرب ۾ چوري ڪيل موٽرسائيڪلون برآمد ڪرڻ لاءِ مورو پوليس ايس ايچ او علي اڪبر ڪوڪر پوليس پارٽي سان ڪارروايون ڪندي ٽن جوابدارن کي 3 پستلن، 6 موٽرسائيڪلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي جن مٿان ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي مورو امداد سولنگي، ايس/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: پوليس جي مختلف علائقن ۾ ڪارروائين ۾ گرفتار ڪيل ڏوهاري حراست ۾ بيٺل آهن

سي آءِ اي پوليس نوشهروفيروز پوليس اهلڪار ڪلاشنڪوف ڦرڪندڙ جوابدار سوگهو

پاڪستان جي معاشي حالت ڪنهن کان به لڪيل ناهي، بنيادي مسئلن سبب ايل سي نٿي کولي وڃي: بلال خان

پوليس جوابدار ملوڪ عرف بابن چانڊيو کي گرفتار ڪري فرڪيل سرڪاري هٿيار به رڪور ڪري ورتو

گرفتار جوابدار جي ساٿين جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپن جو سلسلو جاري آهي: ترجمان پوليس

سکر (بيورو رپورٽ) سکر چيمبر آف ڪامرس جي صدر بلال خان ۽ اڳوڻي صدر ملڪ رضوان الحق ۽ ٻين ملڪ جي ٻڌڻندڙ معاشي صورتحال تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جي معاشي حالت ڪنهن کان به لڪيل ناهي، بنيادي مسئلن سبب ايل سي نٿي کولي وڃي، ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان برپا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: پوليس ڇاپن گرفتار ڪيل ڪلاشنڪوف ڦرڪندڙ جوابدار

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سي آءِ اي پوليس نوشهرو فيروز مقابلي دوران هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري فرڪيل سرڪاري ڪلاشنڪوف هٿ ڪري جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو سي آءِ اي انچارج نوشهرو فيروز يار محمد رند مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار ملوڪ عرف بابن چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار وٽان هڪ ڪلاشنڪوف هٿ ڪري ورتي هٿ ڪيل سرڪاري ڪلاشنڪوف ڪجهه مهينا اڳ مٺياڻي روڊ تان پوليس اهلڪار غفار علي پنهور کان فرڪئي وئي هئي جنهن جو ڪيس ايڏان ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي گرفتار جوابدار ملوڪ عرف بابن چانڊيو تي نوشهرو فيروز ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي،

غوثپور پرسان هٿياربندن جي انڊس هاءِ تي گاڏين مٿان فائرنگ، هڪ ڊرائيور اغوا

قومي شاهراهه تي 6 اڻڄاتل هٿياربندن جي ايندڙ ويندڙ گاڏين مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي

هٿياربند ڪنڊڪوٽ جي رهواسي مزدا جي ڊرائيور ظفر علي گولو کي لاهي اغوا ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا

فائرنگ ۾ مزدا جو ڪلينر ڳوٺ چمني جو رهواسي بشير بهلڪاڻي به سخت زخمي ٿي پيو، اسپتال داخل

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ڪرمپور ٿاڻي جي حد مٿان انڊس هاءِ وي تي مچي ٻنڊيو واري علائقي ۾ اڄ صبح جو اسر ويلي چار اڻڄاتل هٿياربندن جي ايندڙ ويندڙ گاڏين مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي ويئي هٿياربندن سڪر کان مردان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

غوثپور: هٿياربندن جي انڊس هاءِ تي گاڏين مٿان فائرنگ بعد اغوا ڊرائيور جو فائل فوٽو

سوئيڊن ۾ ٽيل واقعي تي سخت ڏک پهتو آهي : ڊاڪٽر محمد اسعد ثاني

سکر: جامعه اشرفيه سکر جي مهتمم ۽ صدر ناليواري مذهبي اسڪالر مولانا ڊاڪٽر محمد اسعد ثاني سوئيڊن ۾ پيش ايندڙ واقعي تي سخت رد عمل ڏيندي قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي سخت لفظن ۾ مرمت ڪندي چيو آهي ته پاڪستاني عوام ۽ دنيا جي سمورن مسلمانن کي سوئيڊن ۾ ٽيل واقعي تي سخت ڏک پهتو آهي انتهائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پيپلز پارٽي سنڌ دشمن پارٽي آهي: سيد زين شاهه

هن وقت سنڌ جا سمورا وسيلا ڌارين حوالي ڪري سنڌ کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويو آهي

سن ۽ ٻين شهرن ۾ پيپلز پارٽي جي تازي بي ڊي اليڪشن ۾ هار برداش نه ٿي آهي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (ڊ) پيپلز پارٽي سنڌ دشمن پارٽي آهي هن وقت سنڌ جا سمورا وسيلا ڌارين حوالي ڪري سنڌ کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويو آهي سن ۽ ٻين شهرن ۾ پيپلز پارٽي جي تازي بي ڊي اليڪشن ۾ هار برداش نه ٿي سرعام پوليس گردي ڪري بي گناهن ڪامياب اميد وارن ۽ قومپرستن مٿان ڪوڙا ڪيس ۽ گرفتاريون عمل ۾ آنديون ويون جيڪو عمل مذمت جوڳو آهي اهڙن خيالن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتصب اعليٰ فصيح الدين خان جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

آبادي ۾ 50 سيڪڙو تعداد عورتن جو آهي پر اسان جي تعليمي ادارن ۾ نياڻين جو تعداد تمام گهٽ آهي: ريجنل ڊائريڪٽر

تعليم حاصل ڪرڻ هرهڪ جو بنيادي حق آهي، خاص ڪري ٻهراڙين ۾ پڙهيل لکيل عورتون گهٽ آهن: فصيح الدين خان

اسٽيڪ هولڊر گڏجي نياڻين جي تعليم ۾ آيل رڪاوٽن کي دور ڪريون ته جيئن نياڻيون به تعليم حاصل ڪري سگهن

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ريجنل ڊائريڪٽر محتصب اعليٰ فصيح الدين خان جي صدارت هيٺ سندس آفيس ۾ نياڻين جي تعليم متعلق اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي ريجنل ڊائريڪٽر محتصب اعليٰ فصيح الدين خان جي صدارت هيٺ سندس آفيس ۾ نياڻين جي تعليم متعلق سيڪڙو تعداد عورتن جو آهي پر اسان جي تعليمي ادارن ۾ نياڻين جو تعداد تمام گهٽ آهي خاص /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

روهڙي پرسان غلام ڳوٺ ۾ متاثرن ۾ ڪمبل ورهائڻ واري تقريب

روهڙي (رپورٽ) روهڙي جي علائقي غلام ڳوٺ ۾ پوڙ ۽ برسات متاثر ماڻهن ۾ ليگل ايڊ سوسائٽي سکر، ٽيم آرگنائيزيشن سنڌ ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر پاران سردي کان بچڻ لاءِ ڪمبل ورهائڻ جي تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سنگران، ناصرآباد، ڍنڊي، فقيرآباد ۽ ٻين علائقن جي سوين مرد ۽ عورتن شرڪت ڪئي جڏهن ته تقريب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين: ريجنل ڊائريڪٽر محتصب اعليٰ فصيح الدين خان اجلاس جي صدارت ڪندي

ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي نائب صدر مٿان حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي مختيار خاصخيلي سليم هاليپوٽو قومپرست اتحاد جي اڳواڻ جاويد هاليپوٽو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

5 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود پوليس پاران ڪيس داخل نه ڪرڻ ۽ جوابدارن کي گرفتار نه ڪرڻ هڪ افسوس ناڪ عمل آهي: مظاهرين

اسان واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، نوٽيس وٺي فورن ايف آئي آر داخل ڪري جوابدان کي گرفتار ڪيو وڃي: مطالبو

ٽنڊو محمد خان) ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخا ۾ جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي نائب صدر مٿان ٽيل قاتلاڻي حملي ۾ ملوث ماڻهن مٿان پوليس ڪيس داخل نه ڪرڻ واري عمل خلاف جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي مختيار خاصخيلي سليم هاليپوٽو قومپرست اتحاد جي اڳواڻ جاويد هاليپوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايس ايس پي آفيس آڏو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوابشاهه ۾ ماحولياتي تحفظ واري اداري جي ريجنل انچارج پاران ٻارن جي اسپتال جو دورو

اسپتال ۾ صفائي جي خراب صورتحال تي انتظاميه کي نوٽيس جاري ڪرڻ لاءِ سفارش موڪلي آهي: اميرسنبل

اسپتال جي طبي ڪچرو ختم ڪرڻ واري مشين (انسنريٽر) نه هئڻ ڪري ڪچرو روڊ تي ساڙيو پيو وڃي

اسپتالن کي مختلف وقتن تي هاسپيٽل ويسٽ مينجمينٽ رولز 2014 جي پاسداري لاءِ نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا

نواب شاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) ماحولياتي تحفظ واري اداري جي ريجنل انچارج پاران ٻارن جي اسپتال جو اوچتو دورو اسپتال جو ڪچرو ساڙڻ ۽ صفائي جي خراب صورتحال تي سيپا جو سخت نوٽيس تفصيل موجب صوبائي وزير ماحوليات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

متياري پرسان روڊ حادثي ۾ هڪ ڇوڪرو فوت، ٻيو زخمي

متياري (رپورٽر) متياري پرسان قومي شاهراهه تي روڊ حادثي جي نتيجي ۾ 1 ڇوڪرو فوت ۽ 1 نوجوان شديد زخمي ٿي پيو، هڪ جي حالت ڳنڀير جوڳي هئڻ سبب ڪيس حيدرآباد سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، متياري لڳ ميمڻ جي وسي پرسان قومي شاهراهه تي ڪار جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر لڳڻ سبب موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوابشاهه: ماحولياتي تحفظ واري اداري انچارج اسپتال جو دورو ڪندي

پنهنجي مدد پاڻ تحت سماجي خدمت جو ڪم ڪري رهيا آهيون: صدرالدين شاهه بخاري

اسٽيپ آرگنائيزيشن، هر ڏکي وقت ۾ مقامي ماڻهن جي مدد ڪري ٿي ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ ماڻهن کي روزگار ڏنو وڃي

اسان ڪيترن ئي مستحقن جو پنهنجي مدد پاڻ تحت علاج ۽ آپريشن وغيره ڪرائي ان جا اخراجات برداشت ڪيا آهن

مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جا دروازا کوليا وڃن ۽ ڌارين کي نيڪالي ڏئي مقامي ماڻهن کي روزگار سان لڳايو وڃي

سرحد (رپورٽر) پنهنجي مدد پاڻ تحت سماجي خدمت جو ڪم ڪري رهيا آهيون، اسٽيپ آرگنائيزيشن، هر ڏکي وقت ۾ مقامي ماڻهن جي مدد ڪري ٿي ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏنو وڃي: صدر الدين شاه بخاري، خيرمحب، جهانپور شريف جي سماجي شخصيت ۽ اسٽيپ آرگنائيزيشن جي چيئرمين سيد صدرالدين شاهه، بخاري، سيد رڪن الدين شاه بخاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز: انسپيڪٽر جي عهدي تي ترقي ماڻيندڙن کي بينج لڳائڻ واري تقريب

ترقي ماڻيندڙن ۾ ٽنهي ضلعن جي ايس ايس پيز سيف الله، اشرف علي زرداري، عبدالجبار بروهي ۽ ٻيا شامل

تقريب دوران دلدار علي زرداري ۽ ٻين آفيسرن کي انسپيڪٽر رينڪ جا بيجز لڳايا، مبارڪون ڏنيون ويون

نوشهرفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس شهيد بينظير آباد جي آفيس ۾ انسپيڪٽر جي عهدي تي ترقي حاصل ڪندڙ پوليس آفيسرن جا بيج لڳائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جهن ۾ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد محمد يونس چانڊيو ۽ رينج جي ٽنهي ضلعن جي ايس ايس پيز شرڪت ڪئي، ترقي حاصل ڪندڙن ۾ 17 آفيسر موجود آهن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد محمد يونس چانڊيو ۽ رينج جي ٽنهي ضلعن جي ايس ايس پيز سيف الله، اشرف علي زرداري، عبدالجبار بروهي، دلدار علي زرداري ۽ ٻين آفيسرن کي انسپيڪٽر رينڪ جا بيجز لڳايا، ۽ مبارڪون ڏنيون، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد محمد يونس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز: انسپيڪٽر جي عهدي تي ترقي ماڻيندڙن کي بينج لڳائڻ واري تقريب منعقد

دولتپور واسي مشهور ملهه پهلوان دادلو عرف الهداد راهو روڊ حادثي ۾ فوت

دولتپور صفن (رپورٽر) سنڌ جو مشهور نالي وارو ملهه پهلوان دولتپور پرسان ڳوٺ عارف راهو جو رهواسي عالمي شهرت يافته پهلوان دادلو عرف الهداد راهو گذريل رات جو روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو هو جنهن جي نماز جنازه دولت پور پرسان ڳوٺ عارف راهو ۾ ادا ڪئي وئي ۽ آباڻي قبرستان سيد شاه جمال جي قبرستان ۾ سوين الين اکين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، اغوا تي ويل 4 ڇٽا اڃا تائين بازياب نه ٿي سگهيا

ضلعي ۾ ڏوهارين جون سرگرميون وڌي ويون آهن ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن مان چار ڇٽا اغوا ٿي چڪا

عليواهڻ واري علائقي مان پورهيت شبير احمد ورند اغوا ٿيو، جنهن جو هن مهل تائين ڪو به ڏس پتو ناهي پيو

چئني مغوين جي وارثن پاران مختلف وقتن تي احتجاج ڪيا ويا پر ڪو واضح رد عمل ظاهر ناهي ٿي سگهيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، ضلعو ڏوهارين حوالي پنگ عيوض اغوا جي واردانن ۾ اضافو مغوين جي وارثن کي پنگ لاءِ فون ڪالز ذريعي ڏمڪيون ملڻ لڳيون چار ڇٽا اڃا تائين ڏاڙيلن جي جنبي مان آزاد نه ٿي سگهيا پوليس هٿ تي هٿ رکي ويٺل مغوين جا وارث سخت پريشان، سکر ضلعي ۾ ڏوهارين جون سرگرميون وڌي ويون آهن ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

مٺياڻي پرسان 2 ڌار ڌار وارداتون، هٿياربند نوجوان کي گوليون ڪٽي فرار

نوجوان غلام مرتضيٰ ملاح کان هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ڦرڪري فرار ٿي ويا

مٺياڻي پوليس ٻنهي وارداتن کان لاعلم بئيل، متاثرن پاران واهر ڪرڻ جي اپيل

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٺياڻي لڳ ڌار ڌار به وارداتون فريد ديرو ٿاڻي جي حد ۾ جهل مگسي جو رهواسي عرفان مگسي کي نامعلوم هٿياربندن تنگ ۾ گوليون هڻي فرار نوجوان زخمي حالت ۾ فريددير پوليس ڪٽايي مٺياڻي اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نٿي ضلعي مان لاش هٿ اچڻ جو سلسلو جاري

نوجوان منصور عرف ڪارو پٽ بصر گبول جو لاش ڍنڍ مان هٿ آيو

نوجوان ڌنار حبيب الله سمون جو لاش وڻ سان ٽنگيل مليو

ٽٽو (جاويد ميمڻ) سنڌ جي تاريخي ضلعي ٽٽي مان لاش هٿ اچڻ جو سلسلو جاري آهي، ٽٽي جي ساحلي شهر بهارا پرسان ڳوٺ عطا محمد گبول جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سلطانپور پريس ڪلب جي ۽ چونڊ، عهديدار چونڊيا ويا

صدر محمود مهر نائب صدر پرويز انڊڙ جنرل سيڪريٽري علي گوهر انڊڙ مقرر

ڊپٽي جنرل سيڪريٽري محرم ملڪ جوائنٽ سيڪريٽري خدا بخش چاچڙ منتخب

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور پريس ڪلب جي سال 2023ع لاءِ چونڊ سلطانپور پريس ڪلب ۾ ٿي گذري جنهن ۾ صدر محمود مهر نائب صدر پرويز انڊڙ جنرل سيڪريٽري ميان علي گوهر انڊڙ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

عادلپور ۾ رڪشو وڻ سان ٽڪرائجي ويو، ڊرائيور فوت، ٻاءُ زخمي

رڪشا وڻ سان ٽڪرائجڻ سبب حادثو رڪشا ڊرائيور هدايت ڪولاچي موقعي تي فوت ٿي يو

رياض حسين ڪولاچي کي گڏتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو، فوتي جي گهر ۾ ڪهرام

عادلپور (رپورٽ اسلم مهر) عادلپور واسي رڪشا ڊرائيور جو رڪشا وڻ سان ٽڪرائجڻ سبب حادثو رڪشا ڊرائيور هدايت ڪولاچي موقعي تي فوت ٿي ويو. سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

عادلپور: روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل شخص جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

جاتي ۾ سماجي اداري پاران تعليم جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

اسڪول جي شاگردن ۽ تعلقي ايجوڪيشن آفيسر محمد الياس خليفو ۽ ٻين جي شرڪت

شاگردن ۾ مختلف تقريرون، سوال جواب جا مقابلا ۽ ڊرائينگ مقابلا پيش ڪيا ويا

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) جاتي ۾ سماجي اداري پاران تعليم جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو، جاتي ۾ هڪ سماجي اداري ايس آر ايس پي جي ٽي جي پي طرفان جاتي ويجهو گورنمينٽ گرلس ڪيمپس اسڪول تڙخواجه ۾ تعليم جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

راڻيپور پوليس جو ڏوهارين سان مبينا مقابلو، هڪ زخمي حالت ۾ گرفتار

ڪارروائي دوران ڦرجي ارادي سان بيئل ڏوهارين پوليس مٿان فائرنگ شروع ڪري ڇڏي

پوليس هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ ڊبل بيرل بندوق سميت گرفتار ڪري ورتو

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور پوليس جو ڏوهارين سان مبينا مقابلو هڪ ڏوهاري زخمي حالت ۾ ڊبل بيرل بندوق ۽ ڪارتوس سميت گرفتار به نامعلوم هٿيار بند فرار ٿي ويا رپورٽ موجب ايس ايچ او راڻيپور رحمت سولنگي کي گڏجهو اطلاع مليو ته نامعلو هٿيار بند ڏوهه جي ارادي سان بيئل آهن ته ايس ايس پي خيرپور جي احڪمات تي ايس ايچ او راڻيپور رحمت الله سولنگي پوليس نفري سان ڪري راڻيپور کان ڳوٺ پيلار طرف ويندڙ لينڪ روڊ تي پهتو ته ڦر جي ارادي سان بيئل ڏوهارين پوليس مٿان فائرنگ شروع ڪري چڙهي راڻيپور پوليس ڏوهارين سان مقابلو ڪندي ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ پوليس کي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ ڊبل بيرل بندوق سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته به ڏوهاري موقعي تان فرار ٿي ويا پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

راڻيپور: پوليس پاران مقابلي ۾ گرفتار ڏوهاري

منهنجو اولين فرض آهي ته علائقي واسين جي خدمت ڪريان: مختيارڪار دادو

پنهنجي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو ماڻهن جا جيڪي جائز مسئلا آهن ڪوشش ڪري حل ڪندس

منهنجي آفيس جا هر ماڻهوءَ لاءِ دروازا کليل آهن، عوام کي رليف ڏيارڻ ۾ پوري ڪوشش ڪبي

دادو (ن سنڌيار) دادو تعلقي جي نئين آيل مختيارڪار ذوالفقار علي پنهور سان دادو جي صحافين سخي سردار چاڻ، حيدر علي ٻيرو، عزيزالله خاصخيلي جي ملاقات نئين مختيارڪار کي تعلقي دادو جون تازي چارج وٺڻ تي مبارڪون ڏنيون ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

گهارو: اداڪار ۽ هدايتڪار ايم ايم بلوچ بيماري جي بستري تي پيل

ايم بلوچ ڊرامن جو بادشاهه رهيو آهي سندس طبيعت ٻن سالن کان خراب، ڪنهن به سار نه لڌي

سنڌ جي سرمائي ايم ايم بلوچ جي بهتر علاج لاءِ قدم کڻي واهر ڪئي وڃي: سجاڻ ڏريون

گهارو (بشام جوڪيو) سنڌ جي نالي وارو اداڪار هدايتڪار سنڌي فلم استار اسٽيج جي زماني ۾ وڏو هدايتڪار ايم ايم بلوچ بيماري جي بستري تي حڪومت سار نه لڌي، ايم ايم بلوچ 80 واري ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ اسٽيج ڊرامن جو نالي وارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: پريس ڪلب پڊعيدن جي حلف برداري تقريب

مجاهد شر صدر ۽ ممتاز ابڙو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا، وفا جا وچن

چونڊيل صحافين کي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارايا ويا، مبارڪن جا سلسلو جاري

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پريس ڪلب پڊعيدن جي حلف برداري تقريب، مجاهد شر صدر ۽ ممتاز ابڙو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا، عهديدارن پاران وفا جا وچن، آيل مهمانن کي سنڌي ثقافت سوڪڙي اجرڪ ۽ ٽوپي پڻ اوڙايا ويا چونڊيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: پريس ڪلب پڊعيدن جي حلف برداري تقريب جو ڏيڪ

گهارو پرسان قديمي ڳوٺ پاڻي هيٺ، ڪي ڊي اي اوور فلو ٿيڻ سبب پاڻي ڳوٺن ۾ داخل

رهواسي سخت پريشان ٿي ويا، ڳوٺن مان پاڻي نيڪال ڪرائي پريشاني کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي

پاڻي اوور فلو ٿيڻ ڪري پاڻي ڳوٺ ۽ گهرن ۾ داخل ٿي ويو آهي، جيڪو ڍنڍ جو ڏيڪ ڏئي رهيو آهي: رهواسي

ڳوٺن توڙي گهرن ۾ داخل ٿيل پاڻي نيڪال ڪرائي پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

گهارو (بشام جوڪيو) گهارو لڳ قديمي ڳوٺ پاڻي هيٺ، واٽر بورڊ انتظاميه جي لاپرواهي سبب KDA نالي ۾ پاڻي اوور فلو ٿيڻ ڪري ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ داخل ٿي ويو، رهواسي سخت پريشان، ڳوٺن مان پاڻي نيڪال ڪرائي پريشاني کان بچائڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گهارو: ڪي ڊي اي اوور فلو ٿيڻ سبب ڳوٺ پاڻي ۾ ٻڏل نظر اچي رهيا آهن

بدين ۾ دواساز ڪمپني ملازم کي نوڪري مان نيڪالي ڏيڻ بعد 54 رپين جو چيڪ ڏئي ڇڏيو

متاثر پورهيت ۽ نوجوان عبدالغفور سومرو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪئي

مون سان ٺڳي ۾ ملوث ۽ گارگند ڪري موتمار ڏمڪيون ڏيندڙ آفيسرن خلاف کارروائي ڪئي وڃي: پورهيت

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) دوا ساز ڪمپني پنهنجي ملازم کي نوڪري مان نيڪالي ڏيڻ بعد رهيل پڪهار ۽ خرچن عيوض 54 رپين جو چيڪ ڏيئي ڇڏيو متاثر ملازم احتجاج تنصيل موجب بدين ۾ هڪ دواساز ڪمپني بدين واسي کي ميڊيڪل ريپ طور نوڪري ڏيڻ بعد ڏيڍ مهيني اندر ئي ڪيس نوڪري مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي آهي ان ڏس ۾ متاثر نوجوان عبدالغفور سومرو پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مورو پوليس جون مختلف علائقن ۾ ڪارروايون، 3 جوابدارن 3 پستلن، 6 موٽرسائيڪلن سميت گرفتار

درس روڊ، سرڪاري اسپتال، دادو روڊ، گڏيرو روڊ، دستگير ڪالوني سميت ٻين علائقن مان ڇاپا مٽي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بعد پڪا ڪيا ڪئي: ڊي ايس پي مورو

ٽنهي جوابدارن ساجد ولد ساجن سولنگي، محسن ولد محمد ڪرڙ سولنگي، عاشق عرف گل ولد نصرالله ٻگهيو مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: ايس ايچ او مورو

اسان جون ڪارروايون شهر مان قرب ۾ چوري ڪيل موٽرسائيڪلون برآمد ڪرڻ لاءِ جاري رهنديون جيئن عوام کي تحفظ ملي سگهي : پريس ڪانفرنس

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو شهر مختلف هنڌن تان قرب ۾ چوري ڪيل موٽرسائيڪلون برآمد ڪرڻ لاءِ مورو پوليس ايس ايچ او علي اڪبر ڪوڪر پوليس پارٽي سان ڪارروايون ڪندي ٽن جوابدارن کي 3 پستلن، 6 موٽرسائيڪلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي جن مٿان ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي مورو امداد سولنگي، ايس/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: پوليس جي مختلف علائقن ۾ ڪارروائين ۾ گرفتار ڪيل ڏوهاري حراست ۾ بيٺل آهن

سي آءِ اي پوليس نوشهروفيروز پوليس اهلڪار ڪلاشنڪوف ڦرڪندڙ جوابدار سوگهو

پاڪستان جي معاشي حالت ڪنهن کان به لڪيل ناهي، بنيادي مسئلن سبب ايل سي نٿي کولي وڃي: بلال خان

سکر (بيورو رپورٽ) سکر چيمبر آف ڪامرس جي صدر بلال خان ۽ اڳوڻي صدر ملڪ رضوان الحق ۽ ٻين ملڪ جي ٻڌڻندڙ معاشي صورتحال تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جي معاشي حالت ڪنهن کان به لڪيل ناهي، بنيادي مسئلن سبب ايل سي نٿي کولي وڃي، ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان برپا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو پوليس پاران ڪنيل نوجوان آزاد نه ٿي سگهيو، وارثن پاران ٻئي ڏينهن به احتجاج

ڳوٺ محمد خان چانڊيو واسي ٻڪرين جي ڌنار کي دادو پوليس پاران ڪنيي گم ڪرڻ کي ٻيو ڏينهن گذري ويو

پوليس نوجوان کي ڪٽي سي آئي اي پوليس حوالي ڪيو، نوجوان کي نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي: وارث

اسان کي خدشو آهي ته پوليس ڪنهن بااثر کي خوش رکڻ لاءِ نوجوان کي جعلي مقابلي ۾ ڪوجاني نقصان ڏيندي

دادو (ن سنڌيار) دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد خان چانڊيو واسي ٻڪرين جي ڌنار کي دادو پوليس پاران ڪنيي گم ڪرڻ کي ٻيو ڏينهن

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 25 جنوري 2023ع

سياسي بداعتمادي مان جان ڇڏائي سگهندا سين؟

ملڪ ۾ اڄا تائين عام چونڊن جو ماحول نه پيو جڙي پر گهٽ ۾ گهٽ پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبليون ٽٽڻ ڪانپوءِ ۽ قومي اسيمبلي ۾ پي ٽي آءِ جي 70 ميمبرن جون استعيفائون قبول ڪرڻ ڪانپوءِ اتي ته چونڊون ٿيندي نظر اچي رهيون آهن ۽ انهي لاءِ ڪم به شروع ٿي ويو آهي. پر اهو سڀ ڪجهه هوندي جيڪو سيني ڪان اهم سوال آهي اهو اهو آهي ته ڇا اسان وٽ سياسي بداعتمادي ختم ٿي سگهي ٿي جنهن جي خاتمي سان ئي سياسي استحڪام ممڪن ٿي سگهندو .جيڪو ئي سياسي ڌرين جو اصل امتحان آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن اسٽيبلشمينٽ دعويٰ ڪري ٿي ته اها نيوٽرل ٿي وئي آهي ته هاڻي اصل ذميواري انهن سياسي ڌرين جي آهي جيڪي سدائين سياسي انجنيئرنگ کي سياسي بحران جو سبب ڄاڻائيندڙيون آهن.هن وقت جيڪا صورتحال نظر اچي ٿي اها اها آهي ته ڪا به ڌر پي ڌر تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري ئي اهي پاڻ ۾ ويهي ڳالهين ذريعي ڪو مسئلي جو حل نه ٿيون ڪڍن. جنهن ڪري ڪجهه ڌرين وري طاقتور ڌر کي مسئلي جو حل ڪڍڻ جي دعوت ڏئي رهيون آهن جڏهن ته ٻيون ڌرين وري انهي دعوت کي ئي خرابي جو سبب سمجهن ٿيون. انهي بدگماني ۽ بداعتمادي جو اظهار تازو سنڌ ۾ ٿيل مڪاني چونڊن ۾ نظر آيو جو خاص ڪري ڪراچي ۾ ڪجهه ڌرين نتيجا قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ۽ ٻيهر چونڊن جو مطالبو ڪري رهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ پنجاب،ڪي پي جي اسيمبلين ۽ قومي اسيمبلي جي خالي ٿيل 70 سيٽن تي چونڊ تي ڪهڙي خبر ته وري انتشار پيدا نه ٿيندو ۽ سڀ نتيجا قبول ڪندا ؟اهو سوال ئي هن بي اعتمادي کي جنم ڏئي ٿو.
پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبليون ٽٽڻ ڪانپوءِ جيڪا هڪ مثبت ڳالهه نظر آئي آهي اها ڪي پي ۾ نگران حڪومت جي جوڙجڪ آهي جيڪا آئين مطابق حڪومت ۽ مخالف ڌر گڏجي ويهي ڪئي آهي جنهن انهي سڄي سياسي عمل ۾ هڪ اميد پيدا ڪئي آهي ته پلي سياسي ڌرين ۾ ڪيترا به اختلاف هجن يا اهي هڪٻئي جون ڪيترون به مخالف هجن پر جيڪڏهن نظام کي اڳتي هلائڻ جي ڳالهه اچي ته اهي هڪٻئي سان گڏجي ويهي آئين ۾ ڏسيل واٽ مطابق عمل ڪن ٿيون جيڪو ڪي پي جي نگران وڏي وزير جي چونڊ ۾ نظر آيو ۽ اتي خوش اصلوبي سان وڏي وزير جي نامزدگي ٿي وئي پر جڏهن پنجاب ۾ نظر ڦيرائجي ٿي ته اتي وري صورتحال بلڪل ابتڙ نظر اچي ٿي جتي اڃاتائين نگران سيٽ اپ جي نامزدگي نه ٿي سگهي آهي باوجود انهي جي ته اها اسيمبلي ڪي پي اسيمبلي کان به اڳ ۾ ٿي ٿوري وئي هئي پر حڪومت ۽ مخالف ڌر ۾ بي اعتمادي سبب ڪنهن نالي تي اتفاق نه ٿي سگهيو آهي ۽ معاملو اليڪشن ڪميشن حوالي ٿيل آهي. جڏهن ته سرڪاري ڌر اها ڌمڪي به ڏئي چڪي آهي ته جيڪڏهن اليڪشن ڪميشن سندن مرضي خلاف ڪنهن ماڻهو کي وڏي وزير طور نامزد ڪيو ته ان کي هلڻ نه ڏنو ويندو.اليڪشن ڪميشن کي ته آئين اختيار ڏئي ٿو ته هو موڪليل نالن مان ڪنهن کي به وڏي وزير طور نامزد ڪري اها ته سياسي ڌرين جي پنهنجي ناڪامي آهي جو اهي ڪنهن نالي تي متفق نه ٿي سگهيون آهن نه ته اليڪشن ڪميشن وٽ معاملو وڃڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿئي ها جيئن ڪي پي ۾ خير خوبي سان اهو مسئلو حل ٿي ويو.
اسان سمجهون ٿا ته هن سياسي بحران مان نڪرڻ جو واحد حل سياسي ڌرين جي هڪٻئي سان مشاورت ئي آهي جنهن جو ثبوت ڪي پي ۾ ملي ڇڪو آهي ته جڏهن سياسي ڌرين مسئلو حل ڪرڻ چاهين ته وڏي ۾ وڏو مسئلو به ڳالهين ذريعي حل ٿي سگهي ٿو اڳتي ڪنهن کي اختلاف ڪرڻ جي گنجائش به نه ٿي رهي.تنهن ڪري جيڪڏهن اينڊڙ چونڊن کي غير تڪراري بنائڻو آهي ته ڌرين کي پنهنجا مسئلا پاڻ ۾ ويهي حل ڪرڻا پوندا ٻي صورت ۾ پنجاب جهڙي صورتحال پيدا ٿيندي جنهن سان تڪرار حل ٿيڻ بدران وڌندا ويندا ۽ چونڊن جي نتيجن کي ڪير به قبول نه ڪندو

بڻايا ✻✻✻ 01

جون استعيفائون منظور ٿي چڪيون آهن. ٻن ميمبرن جون استعيفائون آنهن جي موڪل جي درخواست سبب منظور ناهن ڪيون ويون. اليڪشن ڪميشن کي به پي ٽي آءِ ميمبرن جون استعيفائون ملي ويون آهن. اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ ميمبرن کي ڊي نوٽيفاءِ ڪرڻ بابت اڄوڪي اجلاس ۾ فيصلو ڪندو ڇڏهن ته پي ٽي آءِ ميمبرن جي ڊي نوٽيفاءِ نه ڪرڻ جي درخواست جو به جائزو ورتو ويندو. ياد رهي ته پي ٽي آءِ جي قومي اسيمبلي ميمبرن پارليامينٽ هاؤس بند هجڻ سب گذريل ڏينهن استعيفائون واپس وٺڻ جي لاءِ اسپيڪر کي اي ميل ڪيون هيون ڇڏهن ته استعيفائون واپس وٺڻ جي اسپيڪر کي خط به لکيا ويا هئا. گذريل ڏينهن پي ٽي آءِ ميمبر قومي اسمبيلي پهتا هئا جتي پارليامينٽ هاؤس جو گيٽ بند هو جنهن تي خبر پئي ته شارٽ سرڪٽ سبب پارليامينٽ هاؤس 3 ڏينهن جي لاءِ بند آهي. جنهن ڪان پوءِ پي ٽي آءِ ميمبر احتجاجن پارليامينٽ هاؤس ٻاهران ڌرڻو هنيو پي ٽي آءِ اڳواڻ عامر ڊوگر چيو ته گيٽ بند ڪرڻ سان ظاهر ٿئي ٿو ته عمران خان هنن جون نندون حرام ڪري ڇڏيون آهن. ٻئي پاسي پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري پارٽي ميمبرن جون وڏيڪ استعيفائون منظور ڪرڻ تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته اسپيڪر راجا رياض کي بچائڻ لاءِ اهو قدم کنيو ٿرٿر تي جاري ڪيل بيان ۾ فواد چوڌري چيو ته محدود آنگ ۾ اسمبيلي وڃڻ جو مقصد راجا رياض کي اپوزيشن اڳواڻ جي عهدي تان هٽائڻ لاءِ هو هن قومي اسمبيلي جي ڪاب حيثيت ناهي جو اسان آن ۾ واپس وڃون. هن چيو ته هن وقت شهباز حڪومت 172 ماڻهن جي حمايت وڃائي چڪي آهي. امپورٽيڊ وزيراعظم حڪومت بچائڻ جي لاءِ لوٽن تي پاڙي رهيو آهي. جڏهن ته راجا رياض کي بچائڻ جي لاءِ اسپيڪر جي ڪنيل قدمن جي نتيجي ۾ 40 سيڪڙو سيٽون خالي ٿي چڪيون آهن. فواد چوڌري چيو ته ملڪ چونڊن جي وڌيڪ ويجهو آهي ويو آهي. هن بحران جو هڪڙو ئي حل قومي چونڊون آهن حڪومت ڪيترو وقت عوام کان پڇندي آخري فيصلو وري به عوام کي ڪرڻو آهي ۽ اهو فيصلو ووٽ سان ٿيندو.

بڻايا ✻✻✻ 02

ڪري ورتو پاڪستان آءِ ايم ايف کي چير آهي ته گئس ڌڪڙي مهانگي ڪري ڇڏيندا سين، پيٽرول تي ليوي به وڌائي رهيا آهيون. ٽيڪس به پورا ڪندا سين. بس توهان قرض ڏيو. نريعن موجب ڳالهين دوران آءِ ايم ايف بحلي تي سبسڊي ۽ مختلف شعبن ۾ چوٽ ختم ڪرڻ جا شرط لڳايا آهن. نريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف پاڪستاني وفد کي چيو ته ريٽي جي قدر ۾ واڌ کي هٿرادو طريقي سان نه روڪيو وڃي. بجلي جي سبسڊي به ختم ڪئي وڃي. ٽيڪس جي جي پي شرح وڌائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ مختلف شعبن کي ڏنل چوٽ ختم ڪئي وڃي.

بڻايا ✻✻✻ 03

هنن چيو ته هو نوجوانن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ چاهين ٿا. ماضي ۾ 40 ارب جا قرض ڏنا ويا ۽ وصولي 90 سيڪڙو هئي. هن چيو ته نواز شريف جي دور ۾ 15 ارب روپين جا ليپ ٽاپ نوجوانن کي ڏنا ويا. جڏهن کين ليپ ٽاپ ڏنا ويا ته چيو ويو ته اها سياسي رشوت آهي. زرعي قرضن تي ڳالهائيندي وزيراعظم چيو ته 5 لکن تائين جي قرضن تي ڪو به سود نه ورتو ويندو. نوجوانن کي 5 کان 15 لک تائين جي قرض تي 5 سيڪڙو سود ملندو. 15 لک کان 75 لک تائين قرض تي 7 سيڪڙو سود ادا ڪرڻو پوندو. وزيراعظم چيو ته اسان انتهائي ذڪي مرحلي مان گذري رهيا آهيون، آءِ ايم ايف کي پيغام ڏنو آهي ته اسان پنهنجو پروگرام مڪمل ڪرڻ چاهيون ٿا.هن چيو ته اسان آءِ ايم ايف کي واضح پيغام ڏنو آهي ته اسان چاهيون ٿا ته 9 هين جائزو بغير ڪنهن دير جي مڪمل ڪيو وڃي. وزيراعظم چيو ته گذجي پاڪستان کي مشڪلاتن مان ڪڍيندا سين. هن چيو ته تيل جي درآمد تي بچت لاءِ اعلان ڪان وڌيڪ قدمن جي ضرورت آهي. هڪ صوبائي حڪومت رات 8:30 وڳي دڪان بند ڪرڻ تي پابندي لاڳو ڪئي. جڏهن ته ٻي صوبائي حڪومت سياسي پرائنٽ اسڪور ڪرڻ لاءِ دير جو حربا استعمال ڪيو. وزيراعظم چيو ته جيڪڏهن پاڪستان کي بچائڻو آهي ته سياست کي قربان ڪرڻو پوندو. رياست بچائڻ لاءِ سياسي ڪمائي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هن چيو ته پاڪستان جي صورتحال جي ذميواري سڀني کي قبول ڪرڻي پوندي. هن حمام ۾ سڀ ننگا آهن. جن ۾ اسان جون ۽ مارشل لا حڪومتون به شامل آهن. شهباز شريف چيو ته اسان 75 سالن ۾ جيڪو ڪجهه ڪيو ان جا نقصان سامهون آهن. هو پاڪستان کي بچائڻ جي ذميواري آخري حد تائين نڀائيندو. وزيراعظم چيو ته پاڪستان بچائڻ لاءِ جان ڏئي ڇڏيندس، هر قدم ڪنندس. سندس چوڻ هو ته قرضن ۾ ڦاهڻ جي اجازت ناهي، پاڪستان جي موجوده صورتحال جون ذميوار به مارشل لا حڪومتون آهن. شهباز شريف چيو ته ماضي مان نه سکيو ته نقصان ٿيندو، ماضي مان سبق سکي اڳتي وڌڻو آهي.

بڻايا ✻✻✻ 04

سٺ لک ماڻهو خوراڪ جي ڪوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن. عالمي بئنڪ جي فوڊ سيڪيورٽي جي جاري ڪيل تازي رپورٽ موجب هوڙ جي نتيجي ۾ سوين ماڻهو پنهنجي زندگي تان هٿ ڌوئي ويٺا.لکين ڀوڪ مري ويا جڏهن ته نو ڏهائي چار ملين ايڪڙ اپراضي تي بيهل فصل مڪمل طور تباهه ٿي ويا. سڀ کان وڌيڪ نقصان سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٿيو رپورٽ ۾ چاڻايو ويو آهي ته هوڙ ڪانپوءِ ملڪ ۾ ڪاڻي پيتي واري شين جي اڳهن ۾ واڌ آئي. آڪٽوبر 2021ع ۾ مهانگائي جي شرح 8.3 سيڪڙو هئي جيڪا مارچ 2022ع ۾ 15.3 سيڪڙو ۽ هوڙ ڪانپوءِ سپٽمبر ۾ 31.7 سيڪڙو تي پهچي چڪي هئي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مجموعي خور تي ڏکڻ ايشيا ۾ ماحولياتي ۽ موسمياتي تبديلين، متاسنا ئاتي جي ڏڪيرن ۽ مقامي ڪرنسي جي قدر ڪرڻ سبب مهانگائي ۾ واڌ جو رجحان آهي جنهنڪري ڪاڻي پيتي واريون شين جا اڳهه به وڏي رهيا آهن رپورٽ موجب بنگلاديش ۾ ڊسمبر دوران مهانگائي جي شرح ۾ سالياني بنياد تي ست ڏهائي نو سيڪڙو، نيپال ۾ ۾ ست ڏهائي چار سيڪڙو، پاڪستان ۾ 35.5 سيڪڙو مهانگائي ۾ اضافو ٿيو اهڙي طرح سريلنڪا ۾ اها شرح 64.4 چار سيڪڙو تائين رڪارڊ ڪئي وئي آهي. عالمي بئنڪ جي رپورٽ ۾ وڌيڪ چاڻايو ويو آهي ته چوماسي دوران ڏکڻ ايشيا جي خطي جي ڪجهه علائقن ۾ معمول کان وڌيڪ برساتون پيون جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ گهٽ مينهن رسيو جنهنڪري خوراڪ جي پيداوار ۾ رنڊڪ پيدا ٿي جنهن جا اثر هاڻي سامهون اچي رهيا آهن.

بڻايا ✻✻✻ 05

ميمبر فنانس اين ايچ اي محمد طيب ۽ ٻيا شرڪت ڪندڙ شامل آهن. وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير ضياءِ عباس شاهه، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، چيئرمين پي اينڊ ڊي حسن نقوي، ايم بي آر بقاءُ الله انڌڙ، پرنسپل سيڪريٽري فياض جتوئي، سيڪريٽري ورڪس شارق، سيڪريٽري فنانس ساجد جمال ابڙو ۽ ٻيا به موجود آهن ملاقات ۾ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ۽ سنڌ حڪومت وچ ۾ هلندڙ روڊن جي اسڪيمن ۽ انهن جي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وزير ايم 9 حيدرآباد_ ڪوڪراپار ذريعي ميرپورخاص روڊ، جامشورو_ سيوهڻ، گهارو_ ڪيٽي بندر بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. وفاقي وزير اسد محمود چيو آهي ته هو سنڌ ۾ روڊن رٿائن کي تيز ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٽيم سان گڏ آيو آهي اين ايچ اي ٽيم سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ته مانجهند وٽ زمين جي قبضي جا ڪجهه مسئلا آهن.سنڌ جي وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي زمين الاٽمينٽ جا مسئلا حل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي،وڏي وزير چيو ته عمرڪوٽ کان ڪوڪراپار تائين 40 ڪلوميٽر روڊ جو ڪم روڪيو ويو آهي، وفاقي وزير پنهنجي ٽيم کي هدايت ڪئي ته عمرڪوٽ کان ڪوڪراپار روڊ تي ڪم شروع ڪيو وڃي.سنڌ جي وڏي وزير ايم 9 تي تيزي سان ڪم جي واڪاڻ ڪئي.اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته روڊ جي شروعات ۽ پڇاڙي کان ڪم شروع ڪيو وڃي.مراد شاهه وڌيڪ چيو ته گهارو کان ڪيٽي بندر روڊ تي ڪم 2006ع ۾ شروع ڪيو ويو پر بعد ۾ 2008ع ۾ ڪم بند ڪرايو ويو.وفاقي وزير اسد محمود چيو ته گهارو کان ڪيٽي بندر روڊ تي ڪم جلد شروع ڪيو ويندو

بڻايا ✻✻✻ 06

رڪيو ويو. 3 ارب 61 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ وصول ڪندڙ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز تاشفين عالم پرڏيهي اڌام ذريعي آذربائيجان فرار ٿي ويو هوڏانهن 4 ارب روپين کان وڌيڪ وصول ڪندڙ ڊپٽي ڪمشنر متياري جي نگراني ۾ مبينا طور تي سوا 2 ارب روپين جي ڪيش ڪڍرائي وئي پر زمين نه خريدي وئي. سنڌ حڪومت مبينا ڪرپشن جي جاچ لاءِ ڪميٽي جوڙي هئي ۽ اينٽي ڪرپشن سنڌ ڪيس به داخل ڪيا هئا.

بڻايا ✻✻✻ 07

جي پين ضلعن جي صدرن جي اميدوارن جي نالن تي به مشاورت ڪئي وئي ۽ انٽرا پارٽي چونڊن تي به غور ڪيو ويو. نواز شريف. راڻا ثناءُ الله کي پنجاب جي سياست بابت تاسڪ ڏنا ۽ هدايت ڪئي ته اينڊ چونڊن لاءِ پنجاب ۾ پارٽي ڪارڪنن کي متحرڪ ڪيو وڃي. اڳوڻي وزيراعظم گهرو وزير کي مريم نواز سان گڏجي پنجاب ۾ ريلين ۽ جلسن جو به تاسڪ ڏنو ۽ هدايت ڪئي ته عوام کي حقيقتون ٻڌايو ۽ عمران خان جي ڪوڙ جا پول پڌرا ڪيو.

بڻايا ✻✻✻ 08

اصل مقصد ۾ ضرور ڪامياب ۽ سرخرو ٿيندو. شهرين کي نيڪالي جون وڏ ڪان وڏ بهتر سهولتن فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان سنا قدم کنيا پيا وڃن جن جي مڪمل ٿيڻ سان شهر ۾ وڏيڪ بهتري ايندي. هن خيالن جو اظهار سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ٻاران ايم ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ شهر ۾ نيڪالي وارن مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل سمورن سيورج ايگزيڪيوٽو انجنيئرز کي اجلاس دوران خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي سي او او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان، چيف انجنيئر واٽر / سيورج حنيف بلوچ پڻ موجود هئا. اعليٰ سطحي اجلاس دوران خطاب سي اي او واٽر بورڊ چيو ته شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح ۾ شامل آهي. انڪري اسان سيني کي گڏجي شهر جي وڌيڪ بهتري لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. هن چيو شهر ۾ گندي پاڻي جي نيڪالي واريون سمورين شڪايتون هنگامي بنيادن تي ختم ڪيون وڃن ان سلسلي ۾ واٽر بورڊ ٻاران سلي معيار جا مين هولز ڍڪڻ ٺاهڻ لاءِ موثر ۽ سنا قدم کنيا پيا وڃن. هن آفيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته شهرين کي گذارش ڪئي وڃي ته اهي مين هولز جي چوري ڪندڙن جي نشاندهي ڪندي ان سلسلي ۾ واٽر بورڊ انتظاميا سان پرپور تعاون ڪن ته جيئن ان عمل کي روڪي سگهجي. ان موقعي تي ايگزيڪيوٽو انجنيئرز ٻاران عملي جي ڪوٽ جي شڪايت ٻي سي اي او واٽر بورڊ چيو ته ديلي ويجز تي هيلڪ ورڪرز جي پرتي لاءِ جلد ڪورنگ بورڊ تان منظوري ورتي ويندي تاڪي عملي جي ڪوٽ کي ختم ڪري سگهجي. هن آفيسرن کي حڪم جاري ڪندي وڌيڪ چيو ته پنهنجي لاڳاپيل آفيسن جي صفائي سٿرائي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ڪڏوڪڏ شهر ۾ سيورج نظام جي وڌيڪ بهتري لاءِ ضروري اسڪيمن ڪي منظوري لاءِ قائمه ڪميٽي ڏانهن موڪليو وڃي ته جيئن شهرين کي نيڪالي جون وڏ ڪان وڏ بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن. هن وڌيڪ چيو ته شهرين کي نيڪالي جون بهتر سهولتن فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان سنا قدم کنيا پيا وڃن جن جي مڪمل ٿيڻ سان شهر ۾ وڏيڪ بهتري ايندي. هن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي شهر جي بهتري لاءِ اڃان وڌيڪ ڪم ڪريون ته انشاءُ الله واٽر بورڊ پنهنجي اصل مقصدن ۾ ضرور ڪامياب ۽ سرخرو ٿيندو جيڪا اسان سيني لاءِ وڏي ڪاميابي هوندي.

بڻايا ✻✻✻ 09

جي بريڪ ڏانهن جي جاچ جاري آهي. ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

بڻايا ✻✻✻ 10

دوران توشا خانه جي تحفن بابت رپورٽ پيش ڪئي وئي.اجلاس ۾ غور ويچار بعد سمورا تفصيل عوام آڏو پڌرا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ذريعن موجب پابندي تحت ڪنهن به حڪمران کي توشا خانه مان تحفو وٺڻ جي اجازت نه هوندي.ڪابينا اجلاس ۾ بجلي جي بريڪ ڏانهن جو جائزو ورتو. وزيراعظم طرفان بريڪ ڏانهن معاملي تي سخت ڪارڙجو اظهار ڪيو ويو.وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ٻڌايو وڃي ته بجلي جو بريڪ ڏانهن چو ٿيو؟ ۽ ترت بجلي بحاليءَ لاءِ قدم چوٽ کنيا ويا

بڻايا ✻✻✻ 11

ڦر هڪ موٽرسائيڪل چوري ۽ 58 ٻيون چوريون شامل آهن. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مزاحمت دوران اديس پٽ امام بخش (پي ايس گلشن اقبال، ضلع اوڀ) نالي هڪ شهري زخمي ڪيو ويو. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران پوليس 4 مقابلا ڪيا جنهن دوران ڏوهن سان لاڳاپيل 8 ڄڻا زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا جڏهن ته 3 اسٽريٽ ڪرمنل/چورن کي واقعي واري هنڌان پڪڙيو ويو. رپورٽ ۾ چيو ويو ته مجموعي طور 95 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جنهن ۾ 48 اسٽريٽ ڪرمنل/ ڦورو، هڪ قاتل، 15 غير قانوني هٿيار رکندڙ، 11 منشيات رکڻ ۽ ڪنڊ ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث 20 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته پوليس مختلف ڇاپن/اپريشن ۾ 16 غير قانوني هٿيار، 2 ڪلو چرس، 17 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون آهن.

بڻايا ✻✻✻ 12

جا وارنت جاري ڪري ڇڏيا آهن .رويوش جوابدارن ۾ امان الله مروت. گداحسين .محسن عباس .صداقت حسين شاهه.راجه شميم مختار.رانا رياض ۽شعيب شامل آهن .لڪت فيصلو ۾ ٻڌايو ويو آهي ڪيس ۾ شڪ شبهات وڌيڪ آهن.ان جو فائدو جوابدارن کي ٿيندو آهي .عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته هئي اصول آهي ته قاضي جي غلط سزاڏيڻ کان بهتر آهي ته هن کي آزاد ڪيو وڃي .عدالت جي نظر استغاثه ڪيس ثابت نه ڪري سگهيو ته جوابدارن کي آزاد ڪيو ويو.جوابدارن جي خلاف براه راست ڪوڙا ثبوت نه مليا آهن.جوابدارن جي خلاف سي ڊي آر کي شاهدي لاءِ پيش ڪيو ويو. ڪهڙي به شاهد راڻو انوار جي سڃاڻپ نه ڪئي .لڪت حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ڪيس جي جاچ آفيسر ڊاڪٽر رضوان جي موجب ڪيس جي جوابدارن جي موبائل فون جو فرائرڪ نه ڪرايو ويو.رڪارڊ جي موجب راڻو انوار جي لوڪيشن واقعي جي وقت ملير ڪينٽ هئي .جاچ آفيسر اعتراف ڪيو ته اسان لوڪيشن جي تفيصلاجي لاءِ موبائل ڪمپنين کان رابطو نه ڪيو .مقتول نقيب الله محسور سميت ٻين کي سهراب گوٺ مان گرفتار ڪيو ويو. پوليس ٽيم بهاول پور ۾ مقتول اسحاق جي ڀاءُ جو بيان رڪارڊ ڪيو. بيان جي موجب محمد اسحاق کي 10 اپريل 2016ع جو پنجاب پوليس گرفتار ڪيو.ڪيس ۾ پئي مقتول صابر جي مائٽ ٻڌايو ته هن کي 10 اپريل 2016ع جو پنجاب پوليس گرفتار ڪيو.

بڻايا ✻✻✻ 13

تي حڪومت طرفان معذرت خواهه آهيان. وزيراعظم چيو ته منهنجي حڪم کان پوءِ بجلي جي بريڪ ڏانهن تي جاچ جاري آهي ۽ ان سلسلي ۾ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. هوڏانهن وزيراعظم جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ شهباز شريف ملڪ ۾ بجلي جي بريڪ ڏانهن تي پڻ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ پڇاڻ ڪيو ته ملڪ ۾ بجلي جو ڏگهر بريڪ ڏانهن چو ٿيو. اجلاس ۾ بجلي واري وفاقي وزير خرم دستگير بريڪ ڏانهن تي ميمبرن کي بريفنگ پڻ ڏني. پئي پاسي بجلي بابت وفاقي وزير خرم دستگير چيو آهي ته سموري ملڪ ۾ بجلي جو نظام مڪمل طور تي بحال ڪري

بڻايا ✻✻✻ 14

ڪي ته جوهري طاقت ۽ ته آرمي بچائي سگهي ٿي پران ڪي اسان جو عزم بچائي سگهي ٿو. هن چيو ته اسان جي نئين عسڪري قيادت جيڪڏهن پاڻ کي آئين ۽ قانون جي تابع ڪري ڇڏي ته ملڪ خوشحال ٿي ويندو.

بڻايا ✻✻✻ 15

ڳالهائيندي فواد چوڌري چيو ته ملڪ ۾ جاري سياسي بحران جي ذميوار سپريم ڪورٽ آهي. چو ته جيڪڏهن عدالت عظميٰ اسپيڪر جي رولنگ رد نه ڪري ها ته هن وقت نائين ملڪ ۾ چونڊون ٿي چڪيون هجن ها. هن چيو ته 22 ڪروڙن جو ملڪ هن وقت لاوارث ٿي چڪو آهي. اليڪشن ڪميشن حڪومت جي منشي جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. اليڪشن ڪميشن ڪي محسن نقوي جي مقرري جو حڪم ڏنو ويو. جنهن تي هن بس صحيحون ڪيون. سنڊس چوڻ هو ته حڪمران عوام سان ڪيڏي رهيا آهن. انهن کي گهرن تائين چڏي ايندا سين. اسان نيستائين توهان جو پيچو ڪنداسين جيستائين توهان کي سزا نٿي ملي.

بڻايا ✻✻✻ 16

مسئلا آهن ، تعداد جي حوالي سان درست آنڪ اڪر ، هجڻ ڪري ڏکيائي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ، پوڻ سبب متاثر ٿيندڙ ڪدڙن کي ڪوئي امداد نٿو ڏني ، ليڪن پوڻ متاثر اچان تائين امداد جي ڳولا ۾ دربدر ٿي ويا آهن ، پوڻ سبب سڄي ملڪ ۾ سنڌ صوبو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو آهي ، ڪيترين ٿي جاين تي پوڻ جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو آهي ، جنهن جي ڪري بيماريون پکڙجي رهيو آهن ، اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي جي مقامي هوٽل ۾ انساني حقن واري قومي ڪميشن ، پيس ۽ جسٽس نيٽ ورڪ ۽ يو ايس ايڊ پاران گڏيل طور تي ٽرانس جينڊر ايڪلوسو فلڊ رسپانس جي لاءِ ايڪشن پلان جي ترقي جي موضوع تي سمورن لاڳاپيل سرڪاري ۽ خانگي ادارن سان صوبائي سطح جي مذاڪري کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي انيس هارون چيو ته ٽرانس جينڊر لاءِ قانون ٺهن ٿا پر انهن تي عمل نٿو ڪيو وڃي تنهنڪري پاليسيون ڪامياب نه ٿيون ، پوڻ ۾ حيترا ڪڏا فڦر متاثر ٿيا انهن جو ڪوئي ڏيٽا موجود نه آهي. سماجي پلاٽي ڪاتي جي سيڪريٽري شرين مصطفي چيو ته آرٽيڪل 25 تحت قانون جي نڌر ۾ سڀ برابر آهن انجي باوجود ڪدڙن فڦيرن کي نڌر انداز ڪيو وڃي ٿو انهن جي صحت ۽ نفسياتي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ رسيلن جي ڪوٽ آهي. ٽرانس جينڊر اڳواڻ بنديا رعنا چيو ته سنڌ حڪومت ۽ سماجي پلاٽي ڪاتي جو پرپور تعاون حاصل آهي ڪدڙن جو نئون ڏيٽا گڏ ڪرڻ تي ڪم ڪري رهيا آهيون ، تشدد جي روڪٿام ۽ صحت جي مسئلن تي ڪم جاري آهي سمورن طبقن کي امدادي ڪمن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. يو ايس ايڊ صوبائي ڪو آڊينيٽر ڪپيل چيو ته پوڻ ۾ اسان خيبر مرس ، سڪر ۾ به ڪم ڪيو آهي ، پوڻ متاثر ڪدڙن فڦيرن سان گڏ معاشري جي ڪمزور طبقن جي مدد ڪئي آهي جن ۾ معزور ماڻهو ، اقليتي برادريون ۽ ايڊز جا مريض پڻ موجود آهن. سيمينار ۾ سول سوسائٽي ، ٽرانس پرسن ، سرڪاري عملدارن ۽ لاڳاپيل وڏي اڳڻ ۾ شرڪت ڪئي . ان موقعي تي مقررن تجويزون ڏنيون ته ڊزاسٽر مينيجمينٽ ۽ امدادي پروگرامن ۾ ڪدڙن جي شموليت يقيني بڻائي سفارشن تي عمل ڪيو وڃي ان سان گڏ ڪدڙن جي درست ۽ مڪمل ڏيٽا ۽ پوڻ متاثر ضلعن ۾ ڪدڙن جي تحفظ جو طريقيڪار ته ڪرڻ ڪان سواءِ ضلعي ڪميٽين ۾ ڪدڙن جي شموليت يقيني بڻائي وڃي. مقررن ڪدڙن جي صحت ، پناه گاه ، خوراڪ جي تحفظ ۽ متيبد بجائڻ تي زور ڏنو.

بڻايا ✻✻✻ 17

ڪان معذرت ڪري ڇڏي.سپريم ڪورٽ ۾ سائٽر جي جاچ لاءِ داخل چيمبر اپيلن تي ٻڌڻي ٿي. جنهن ۾ جسٽس سردار طارق مسعود اهي اپيلون ٻڌڻ ڪان معذرت ڪري ڇڏي. جنهن ڪانپوءِ اپيلون واپس جيف جسٽس کي موڪليون ويون.جسٽس طارق مسعود چيو ته چيف جسٽس سائٽر جاج لاءِ اهي چيمبر اپيلون ڪنهن ٻئي جج سامهون مقرر ڪري.

بڻايا ✻✻✻ 18

جي حد ۾ 15 سالن جي رعايت ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي عمر جي حد ۾ واڌ بعد 43 سالن جي عمر وارا اميدوار به سرڪاري نوڪري لاءِ اهل ٿي ويا. عمر ۾ واڌ وارو نوٽيفڪيشن پهرين جولاءِ 2022 کان 30 جون 2024 تائين لاڳو رهندو

بڻايا ✻✻✻ 19

ڪارپوريشن ايسٽ ۾ هيڊ مالهي طور ڪم ڪري رهيو آهيان، هوميوپيٿڪ جي ڊگري حاصل ڪري رٽائرڊ آهي، ميونسپل ڪارپوريشن ۾ پوسٽ به خالي آهي، ان ڪري ڊاڪٽر بڻايو وڃي.جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو ته توهان کي نوڪريءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي. پنهنجي ڪلينڪ کولي ڇڏيو اسان ۽ توهان جو وڪيل دوا وٺڻ لاءِ توهان جي ڪلينڪ تي ايندا سين.عدالت درخواستگذار جي وڪيل کان پڇاڻو ڪيو ته وڪيل صاحب، ڇا توهان ڪڏهن پنهنجي مئوڪل کان دوا ورتي آهي؟جنهن تي وڪيل چيو ته درخواست گذار اچان ڪلينڪ ناهي ڪولي، هو نوڪري حاصل ڪرڻ چاهي ٿو.ان موقعي تي ڊي ايم سي جي وڪيل مخالفت ڪندي چيو ته درخواست ٻڌڻ جوڳي ناهي، فوري طور رد ڪئي وڃي، جنهن تي عدالت ڏرين جو موقف ٻڌڻ ڪانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي.

بڻايا ✻✻✻ 20

آرڊر خلا

بقايا سنڌيار 01

گهر ڪري ڇڏي اهي. ان سلسلي ۾ گهارو گولائي لڳ ڳوٺ محمد ابراهيم ملاح، ڳوٺ مامون گاد جوڪيو، ڳوٺ گل حسن ملاح جي ڪينرن ٿي متاثر رهاسين دانهينداي چيو آهي ته گذريل رات ڊير سان واٽر بورڊ انتظاميه جي لاپرواهي سبب KDA تاليءِ ۾ اوچتو پاڻي اوور فلو ٿيڻ ڪري پاڻي سندن ڳوٺ ۽ گهرن ۾ داخل ٿي ويو آهي. جيڪو ڊنڊ جو ڏيڪ پيو ڏيئي، هنن چيو ته هن سرديءَ جي موسم ۾ گهرن کان ٻاهر نه نڪري سگهون. ڳوٺن جا رستا ۽ پاڻي ۾ ٻڏي ويا آهن. جنهن ڪري ڪيئن سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. پراچار تائين واٽر بورڊ انتظاميه پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ اسان جي نوجوان کي جعلي مقابلي ۾ ڪو جاني نقصان ڏيندي هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، سيشن جج دادو، ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪن.

بقايا سنڌيار 02

ٽي چڪو آهي، 400 ڪانٽن فيڪٽرين بند ٿيڻ وجن ٿيون. ان کان علاوه 6 ڪروڙ ماڻهو بيروزگار ٿيندا. موجوده معاشي حالت جي اڳا شروعات ٿي آهي، اگر حالتون اهڙيون ٿي رهيون ته فيڪٽرين ۽ ڪارخانا بند ٿي ويندا. اسين ڪافي عرصي کان ٻڌي رهيا آهيون ته آءِ ايم ايف پئسا ڏيندو، اسلامي بينڪ پئسا ڏيندي اهو رڳو ڳالهين تائين محدود ناهي پر پئسا ڪتان به ناهن اچي رهيا. دال، گوشت سڀ ڪجهه مهنگو ٿي ويو آهي. اسان کي آءِ ايم ايف وٽ وڃڻ کان علاوه ٻيو ڪو رستو ناهي. جيڪڏهن اسان آءِ ايم ايف وٽ نه وياسين ته الله نه ڪري ملڪ ڊيفالٽ ۾ هليو ويندو. بوم ايندڙ بڪس سسٽم هلي رهيو آهي، اليڪشن ڪانپوءِ سڀ ڪجهه صحيح ٿئي ٿو ته پوءِ آءِ ايم ايف وٽ آخر ڦري وڃن. اسان چاهيون ٿا ته ملڪي معيشت بهتر ٿئي ته اسان کي آءِ ايم ايف وٽ نه وڃڻو پوي. ملڪ ۾ ٻاهران ايندڙ شين کي رڪيو وڃي ته مهانگائي تي ڪنٽرول ٿي سگهي ٿو. پيٽرول ڪانپوءِ پام آئل ڀهرين وڏي امپورٽ شيءِ آهي. ايگريڪلچر يونيورسٽيون ڌاهڻ ڪين. پاڪستان ۾ ماڻهو ڊالر ٿجوڙين ۾ رکي ويٺا آهن. ڊالر کي بينڪ ۾ جمع ڪرايو وڃي. 70 سي سي موٽر سائيڪل وارو ۽ 500 سي سي وارو هڪ ئي حالت مان گذري رهيو آهي. حڪومت کي غريب ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سبسڊي ڏيڻ گهرجي.

بقايا سنڌيار 03

پهچايو نوجوان بيهوش آهي ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو. واقعو قومي جولڪي رهيو آهي. پئي پاسي مٺياڻي ٽائي جي حد ۾ نوجوان غلام مرتضيٰ ملاح ڪان هٿياربندن هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل. موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦري ڪري فرار. مٺياڻي پوليس واقعي بابت لاعلم.

بقايا سنڌيار 04

ڪلب اڳيان احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته هن کي سرجي فارما ڪمپني ۾ نوڪري ملڻ بعد ڊيوٽي ڪري رهيو هو ته ڪمپني جي ڊائريڪٽر رستم لغاري ۽ سيلز مينجر خورشيد ناريجو هن کي ڏيڍ مهيني اندر ئي بنا ڪنهن نوٽيس ۽ اطلاع جي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو متاثر نوجوان موجب جڏهن هن ڪمپني جي سيلز مينجر کان ڏيڍ مهيني جي پڳهار ۽ خرچ گهريا ته من کي آسرا ڏيندو رهيو ڪاغذ هيڊ آفيس موڪليا آهن اتان ڪليئر ٿيڻ بعد تون رهيل پڳهار ۽ خرچ جو چيڪ ڏيندا سين نوجوان موجب تازو ڪمپني طرفان مون ڏيڍ مهيني جي پڳهار ۽ خرچن عيوض 54 رپين جو چيڪ ڏيئي منهنجي مذاق اڏايو ويو آهي عبدالغفور سومرو موجب هن جڏهن ان سلسلي ۾ ڪمپني جي ڊائريڪٽر ۽ سيلز مينجر سان رابطو ڪيو ته مون سان گارگند ڪري موتمار ڏمڪيون ڏنيون ڏيئي چوڻ لڳا ته اسان وٽ اهو چيڪ آهي ڪٽڻو آهي ته ڪن نه ته ماٺ ڪري ويهي رهو وڌيڪ ڪچيو آهين ته سلو نه ٿيندو اسان تون کي ڪوڙن ڪيسن ۾ قاسائيندا سين هن ڊپٽي ڪمشنر ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو ته مون سان لڳي ۾ ملوث ۽ گارگند ڪري موتمار ڏمڪيون ڏيندڙ ڪمپني جي آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪري حق وٺي ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 05

رهواسي منصور عرف ڪارو پٽ بصر گبول جو لاش وڏو مان هٽ آيو آهي، جنهن جو سبب پوسٽ مارٽم ڪانپوءِ معلوم ٿي سگهندو. جڏهن ته پٽي طرف ور شهر پرسان ڳوٺ حاجي قاسم ۾ نوجوان ڏتار حبيب الله سمون جو لاش وڻ سان تنگيل هٽ آيو آهي. پوليس موجب موت جو ڪارڻ واقعي معلوم ناهي ٿي سگهيگ. ياد رهي ته ٽئي ضلعي جي مختلف علاقن مان هڪ هفتي اندر 4 لاش هٽ ڪيا ويا آهن.

بقايا سنڌيار 06

ايچ او مورو علي اڪبر ڪوڪر صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مورو شهر جي درس روڊ، سرڪاري اسپتال، دادو روڊ، گجيرو روڊ، دستگير ڪالوني سميت بين علاقن مان چايا هٽي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بعد پڇا ڳاڇا ڪري ڦر ۽ چوري ڪيل 6 موٽر سائيڪلون، 3 پستول ۽ به موبائل فون هٿ ڪيون آهن ۽ تنهي جوابدارن ساجد ولد ساجن سولنگي، محسن ولد محمد ڪرڻ سولنگي، عاشق عرف گل ولد نصرالله ڀگهيو مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هنن چيو ته مورو شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ ۽ عوام جي جان مال جي حفاظت لاءِ هر ممڪن ڪوشش ورتي ويندي جيڪا اسان اولين ترجيح ۾ شامل آهي. ڪجه ڏينهن اڳ به ٽن جوابدارن کان 8 موٽرسائيڪلون برآمد ڪيون هيون ۽ اسڪريپ جي دڪان تان حصن جي صورت ۾ موٽرسائيڪلن جو سامان هٿ ڪيو ويو هو اسان جون ڪاروايون شهر مان ڦر ۽ چوري ڪيل موٽرسائيڪلون برآمد ڪرڻ لاءِ جاري رهندڙيون جيئن عوام کي تحفظ ملي سگهي.

بقايا سنڌيار 07

محرم ملڪ جوائنٽ سيڪريٽري خدا بخش ڄاڙو رابطو سيڪريٽري ضمير جتوئي خزانچي سجاد ملاڻو انفارميشن سيڪريٽري وحيد انڊڙ ۽ آفيس سيڪريٽري ضمير حسين انڊڙ چونڊيل ويا جڏهن ته ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ۾ حافظ خدابخش انڊڙ، قربان مهر، اياز سماڻر، مشتاق مهر، عبدالرحيم سماڻر، شاه گل ملڪ ۽ پيا چونڊيل ويا ان موقعي تي چونڊيل نون عهديدارن ۽ ميمبرن چيو ته سلطانپور پريس ڪلب جي صحافي دوستن هميشه علاقائي جي مسئلن تي لڪي غريب عوام جو آواز اعلیٰ ايوانن تائين پهچايو آهي اسان سڀ گڏجي صحافت جي ذميواري درست طريقي سان نڀائي صحافت جو گاڻ اوجو ڪنداسين ۽ پريس ڪلب جي بلڊنگ لاءِ پاڻ پتوڙيو ويندو

بقايا سنڌيار 08

يار محمد رند ميڊيا آڏو دعوا ڪئي آهي ته چار مهينا اڳ ٺاروشاه منياڻي لنڪ روڊ تي گشتي پوليس جي اهلڪار غفار ڀنهور کان هٿياربندن هٿيارن جي زور تي پوليس اهلڪار کي يرغمال بڻائي سرڪاري ڪلاشن ڪوف فر ڪري فرار ٿي ويا هٿا جنهنجو ڪيس ايوان تائين پهچايو آهي اسان سڀ گڏجي اطلاع تي نوشهروفيروز لنڪ روڊ تي ڪارروائي ڪري قرن ۽ ملوث بدنام ڏوهاري ملوڪ عرف بابن چانڊيو کي گرفتار ڪري سندس وٽان فر ڪيل سرڪاري ڪلاشنڪوف سميت گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته سندن ساٿين جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپن جو سلسلو جاري آهي جلد سندس ساٿي به گرفتار ڪري قانوني ڪٺهڙي ۾ پيش ڪيا ويندا جڏهن ته اهڙي ڪارروائي تي ايس ايس پي نوشهروفيروز سي آءِ اي پوليس کي جس ڏيڻ سان گڏ انعام ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو.

بقايا سنڌيار 09

پاءِ رياض ڪولاڇي زخمي. اسپتال منتقل پئي پائر پنو عاقل چوپايو مال پڙي تي ڪٽي وڃي رهيا هٿا ته اندس هاءِ وي، چنا اسٽاپ وٽ حادثو پيش آيو. هدايت ڪولاڇي زخمن جا سور ته سهندي فوت ٿي ويو رياض حسين ڪولاڇي کي گڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو. جڏهن ته فوت ٿي ويل نوجوان هدايت ڪولاڇي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 10

هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيو ته پوليس پاران نوجوان کي ڪنهي وڃڻ جا وڏيرو موجود آهن وقت اچڻ تي ظاهر ڪنداسين. سندس مٿان ڪوبه ڪيس رغيره ناهي مگر ڪڏهن ڪا اين سي به داخل ناهي ٿيل پوليس بلاجواز ڪٽي وڌي آهي گهر ۾ سندس ڇوڙا پريشان آهن پوليس نوجوان جي گرفتاري هئير تائين ڪٽي ظاهر ناهي ڪٽي اسان کي خدشو آهي ته پوليس ڪنهن باائر سياسي ماڻهو کي خوش رکڻ لاءِ اسان جي نوجوان کي جعلي مقابلي ۾ ڪو جاني نقصان ڏيندي هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، سيشن جج دادو، ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪن.

بقايا سنڌيار 11

عالمي ڏيهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن ۽ تعلقو ايجوڪيشن آفيسر محمد الياس خليفو ۽ اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر محمد اسلم ۽ پرويز خواجه مهمان خاص طور شرڪت ڪئي، شاگردن ۾ مختلف تقريرون، سوال جواب جا مقابلا ۽ ڊرائينگ مقابلا پيش ڪيا ويا. ڪامياب شاگردن ۾ انعام پڻ تقسيم ڪيا ويا جڏهن تي تقريب کي خطاب ڪندي ضلعي پروگرام آفيسر نعيم جوڻيجو چيو ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي تعليم سان ئي شعور پيدا ٿئي ٿو. تعليم حاصل ڪرڻ سان انسان ۾ حوصلو جرئت پيدا ٿئي ٿي. والدين جو به فرض ته هو پنهنجي ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائين ته جيئن ٻار تعليم حاصل ڪري پنهنجو مقام حاصل ڪري سگهن. آخر ۾ اين آر ايس پي طرفان ڊسٽرڪٽ پروگرام آفيسر نعيم جوڻيجو ۽ سي بي او ڊاڪٽر راجپر طرفان سيني مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا.

بقايا سنڌيار 12

مرض جي خاتمي ڪرڻ لاءِ انفرادي ۽ اجتماعي طور تي حصورتروجي واري پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪئي اجلاس کان پوءِ ڊي جي هيلٿ محمد جمن باهوٽر دادو ضلعي هيلٿ آفيس جي صحن ۾ ڊبليو ايچ او ۽ نيشنل گائيڊ لائين ملير ڪنٽرول پروگرام جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي هن ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي بڌايو ته ٻوڏ اچڻ باعث سڄي ضلع ۾ ملاريا جي وبا تي ضابطو آڻڻ لاءِ عالمي اداري ۽ سنڌ جي صحت ڪاتي جون ٽيمون پهريون. ملاريا تي ضابطو آڻڻ لاءِ ٽيمون ناهيون ويون آهن. جن جو ڪم دادو ضلعي ۾ ملاريا جي موذي مرض کي پڪڙجڻ کان روڪڻ آهي. ٽيمون مختلف ڳوٺن ۽ گهرن ۾ اسپري ڪنديون ۽ عالمي صحت اداري جي سهڪار سان ٻوڏ متاثر علاقن ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي. سنڌ جي صحت ڪاتي کي ڪيو وڃي انهن جي ٽريننگ مڪمل ڪئي وئي آهي ۽ هاڻي هو ڪاڇي جي علاقي ۾ گهرن ۾ وڃي ملاريا خلاف اسپري ڪندا. اتي ملاريا جي وڏي وبا هئي جنهن جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا ويا آهن. انهن ٽيمن جي ٽريننگ ان حوالي سان ڪئي وئي آهي. WHO ۽ ملاريا ڪنٽرول پروگرام جي نيشنل هدايتن تي دادو ضلعي ۾ 50 ماڻهو حياتيون وڃائي ويٺا. 20 ماڻهو ملاريا جي مرض ۾ فوت ٿي ويا_ WHO سان گڏجي صحت جا وڏيڪ مسئلا حل ڪنداسين ۽ عوام کي رليف فراهم ڪنداسين

بقايا سنڌيار 13

چادر ڇاڻهي ميلي جي رسمن رواجن جو افتتاح ڪيو جڏهن ته هن ميلي ۾ ٽئي ڏينهن ملڪ ملاکڙو لڪندو جنهن ۾ سنڌ جا مشهور ۽ نالي وارا مڙ پهلوان پهچي رهيا آهن جڏهن ته ميلي ۾ مشهور مٺائيءَ جا دڪان لڳايا ويا آهن جڏهن ته ٻارن جي وندر لاءِ چوڙول ريل گاڏي موت جو ڪوه پڻ لڳايا ويا آهن

بقايا سنڌيار 14

پارٽي جي ڪاميابي تي ايس ايس پي خيرپور طرفان رائيفر پوليس کي شاباس ڏني گرفتار ٿيل ڏوهاري جي سچائي زبير ولد نظام الدين ميراڻي طور ٿي جڏهن ته به جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويا ان موقعي تي جوابدار زبير ميراڻي جي ڪرمنل رڪارڊ مطابق مئس 18 سنگين نوعيت جا ڪيس داخل هٿا جن جو فائيل پڻ ظاهر ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 15

محمد صادق قريشي نقشبندي طرفان ڪيو ويو. عرس مبارڪ جون تقريرون فجر نماز کان شروع ٿيون جيڪي ظهر تائين جاري رهيون. عرس مبارڪ جا انتظام جماعت لواري شريف جي تنظيمن نشات تنظيم جماعت لواري شريف. ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف ۽ نشات گرلز ونگ جماعت لواري شريف جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن سرانجام ڏنا. پئي طرف حضرت امام العارفين حضرت خواجه پير حاجي احمد زمان نقشبندي قدس سره جن جو 87 هون سالياڻو عرس مبارڪ سنڌ سميت ملڪ جي پين صوبن ۾ پڻ ملهايو ويو

بقايا سنڌيار 16

جا جواب ڏنا ۽ تيم سندن همت افزائي ڪندي تاڙيون وڄائي داد ڏنو انهي موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر اختر حسين ڪوريجو ۽ پرنسپال عابد حسين ڍڳڙ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن کي بورڊ آفيس لاڙڪاڻو طرفان باقي معاف ڪيل فيس رپس ڏني وئي هلندڙ انسپيڪشن دوران ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو ميڊم رابعه سيال پڻ شرڪت ڪئي ۽ اسڪول ۽ انسپيڪشن جو معائنو ڪيو ۽ ٽيندڙ ڪم جي ساراه ڪئي. ڊائريڪٽر ايجوڪيشن عبدالعزيز ڄاڙيڙ جن چيو ته سموري ضلعي لاڙڪاڻي جي انسپيڪشن ڏسي تمام خوشي ٿي آهي تعليم دوست استادن تعليم جي معيار کي بهتر بنائڻ ۾ پنهنجو پورو ڪردار ادا ڪيو آهي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر اختر حسين ڪوريجو چيو ته اسڪول جو انتظام ڊسپيلين ۽ صاف سقرو سرسبز ماحول ڏسي تمام گهڻي خوشي ملي آهي اميد ته نئون ڊيرو جا ٻا شعور استاد هن اسڪول جو نالو روشن ڪندا بعد ۾ رورل هيلٿ سينٽر نيون ڊيرو جو پڻ دورو ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 17

موقعي تي مختيار ڪار دادو ذوالفقار علي ڀنهور چيو ته اڄ منهنجو پهريون ڏينهن آهي پنهنجي آفيس ۾ مان دادو واسي آهيان ۽ منهنجو اولين فرض آهي ته مان پنهنجي علاقي واسين جي پرپور خدمت ڪريان الله پاڪ مونکي هڪ موقعو ڏنو آهي پنهنجي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو ماڻهن جا جيڪي جائز مسئلا آهن انهي سڀ حل ڪيا ويندا منهنجي آفيس جا هر ماڻهوءِ لاءِ دروازا ڪليل آهن ان موقعي تي شيراز ڀنهور ۽ ٻيا سائس گڏ هئا

بقايا سنڌيار 18

هدايتڪار سنڌي ڊرامن جو بادشاه رهيو آهي سندس طبيعت ٻن سالن کان خراب آهي ۽ ڪيترائي دفعا اسپتال داخل ٿيو آهي ۽ هن وقت اوچتو رت جون الٽيون ٿيڻ ڪري ايمرجنسي ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو جگر جي بيماري ڪري سندس جسم ۾ پيون به بيمارين ٿي رهيون آهن حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ داخل ايم ايم بلوچ جي فرزند مهر علي ٻڌايو ته بابا سائين ڪافي عرسي کان بيمار آهي سندس طبيعت اوچتو خراب ٿيو وڃي جنهن کان پوءِ ايمرجنسي ۾ اسپتال اچڻو ٿو پوي. سندس پائٽي مختيار لاشاري جو چوڻ آهي ته چاچا سائين سنڌي اسٽيج، سنڌي ڊرامن ۽ فلمن ۾ تمام گهڻا نوان سين متعارف ڪرايا آهن ۽ هن وقت به سنڌي ڊرامن جا نالي وارا هدايتڪار سندس اسٽيج جي زماني وارا شاگرد آهن وڏيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ثقافتي ڪاتي کي گهرجي ته سنڌ جي سرمائي ايم ايم بلوچ جي بهتر علاج لاءِ قدم کڻي ۽ ثقافتي وزير سردار شاه کي فوري طور تي سندس علاج ڪرائڻ لاءِ ٻاهر ڀيجي ۽ ميڊيڪل بورڊ تشڪيل ڏئي ته سندس زندگي بچي سگهي.

بقايا سنڌيار 19

تعليمات کان متاثر ٿي سامارو جي پير سرهنديءَ جي درگاه تي پير ايوب جان سرهندي جي هٿان مسلمان بڻجي ويو جنهن بعد اڄ چوٽياريون پريس ڪلب تي پهچي پريس ڪانفرنس ڪئي انهيءَ دوران ٽئين مسلمان ٽيندڙ نوجوان عبدالڪريم صحافين سان گالهائيندي چيو ته اٿون ڪافي عرصي کان مسلمانن جي سنگت صحبت ۾ هئس ۽ دين اسلام جي تعليمات کان متاثر هئس ۽ اٿون پنهنجي رضا خوشيءَ سان بقائمي هوش حواس دين اسلام کي قبول ڪري مسلمان ٿيو آهيان ۽ منهنجو اڳ جو نالو ڪرشن هيو ۽ هاڻي مون کي منهنجي اسلامي نالي عبدالڪريم سان سڄاڻو ۽ سڏيو وڃي منهنجي هن فيصلي سان ڪنهن کي ڪو به اختلاف نه رکڻ گهرجي چاڪاڻ ته اٿون رضا خوشي سان مسلمان ٿيو آهيان انهيءَ موقعي تي هن درگاه پير سرهنديءَ جي طرفان سندس مسلمان ٿيڻ بابت جاري ڪيل سند به صحافين کي ڏيکاري انهيءَ دوران ديه راڄ جو ڪائونسلر سيد مشتاق شاه ۽ چوٽياريون جا معززين سيد نواز شاه سيد پير بخش شاه امام بخش ملاح پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 20

صحافين کي اجرڪ ۽ گلن جا هار پاراايا ويا. شهرين ۽ پين پريس ڪلبن پاران مبارڪبن جو ساسلو جاري خبر موجب پريس ڪلب پدعيدن جي حلف برداري تقريب عهديدارن پاران وفا جا وچن، آيل مهمانن کي سنڌي ثقافت سوڪوري اجرڪ ۽ ٽوپي پڻ اوڀايا ويا چونڊيل صحافين کي اجرڪ ۽ گلن جا هار پاراايا ويا. شهرين ۽ پين پريس ڪلبن پاران مبارڪبن جو سلسلو جاري جڏهن ته پريس ڪلب پدعيدن شهر جي سال 2023 جي نئي ٻاوي حلف برداري جي تقريب ڪرائي وئي جنهن ۾ سرپرستي اعلیٰ ايڊووڪيٽ لطف علي راجپر. تاحيات ميمبر پير رڪن الدين هاشمي قريشي، اعزازي ميمبر ڊاڪٽر عظيم راجپر، ڊاڪٽر فدا حسين پريجو، ليگل ايڊوائيزر ايڊووڪيٽ ثاقب اقبال راجپر، ايڊووڪيٽ اختر علي پريجو ۽ پين شرڪت ڪئي ان موقعي تي تاحيات ميمبر پير رڪن الدين هاشمي قريشي نئي چونڊيل ٻاوي کي حلف ڪرايو ان موقعي تي اعزازي ميمبر ڊاڪٽر محمد عظيم راجپر جيڪو ته صحافت هڪ پيغمبري پيشو آهي، غريب ۽ مسڪين ٻي پهچ ماڻهن جو ٻانهن فرق جي اعليٰ ايوانن تائين آواز پهچايو وڃي اسان کي اها به وڏيڪ خوشي ٿي آهي ته اسان حق ۽ سچ لکڻ وارن سان گڏ آهيون ۽ هميشه گڏ رهنداسين ان موقعي تي آيل مهمانن سال 2023 جي چونڊيل نئي ٻاوي صدر مجاهد حسين شر ، سيڪريٽر نائب صدر ساجد جويو، نائب صدر ڪامران جويو، جنرل سيڪريٽري ممتاز علي ابڙو، جوائينٽ سيڪريٽري شمس الرحمن پريجو، خزانچي مجيب الرحمن پريجو ، پريس سيڪريٽري عمران ڪريم چانڊيو، آفيس سيڪريٽري فرحان انصاري ، انفارميشن سيڪريٽري حيدر پلہ چونڊيا ويا آخر ۾ آيل مهمانن ۽ چونڊيل صحافين کي سنڌ جي سوڪوري اجرڪ ۽ ٽوپي گلن جا هار پاراايا ويا پئي پاسي عوامي تحريڪ نيشنل پريس ڪلب نوشهروفيروز پريس ڪلب درياخان مري پريس ڪلب ڪرونڊي جي صحافين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ مبارڪون ڏنيون ۽ گلن جا هار پاراايا وڏيڪ مبارڪن جو سلسلو جاري.

بقايا سنڌيار 21

شڪايتون ملينون ۽ انهن تي فيصلو ڪيو ويو آهي. پڌرائي ۾ وفاقي محتسب انجارج سڪر ٻڌايو آهي ته ادارو 1983 ۾ قهيره گذريل 40 سالن کان عام ماڻهن کي انصاف جي فراهمي لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي پيو ۽ اداري کي 40 سال مڪمل ٿيڻ تي وفاقي اداري جي هيڊ آفيس اسلام آباد سميت سمورن ريجنل آفيسن اندر پروگرام پڻ منعقد ڪيو ويو آهي جتي هميشه جيان عوام کي دروازن جي چائنٽ تي انصاف فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ کي ورجايو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 22

مچي ڪٽي ويندڙ مزدا تي فائيرنگ ڪري ڪنڊڪوٽ جي رهواسي مزدا جي ڊرائيور ظفر علي گولو کي لاهي اغوا ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا فائيرنگ ۾ مزدا جو ڪلينر ڳوٺ چمني جو رهواسي بشير بهلڪاڻي به سخت زخمي ٿي پيو لڳاتار ڏاڙيلن جي فائيرنگ سبب علاقي ۾ خوف پکڙجي ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي علاقي جو گهيرو ڪيو پر ڏوهاري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پئي پاسي واقعي جو اطلاع ملڻ تي مغوي ڊرائيور جي وارثن مقدم علي بخش گولو اسد گولو ۽ پين جي اڳواڻي ۾ ڳوهي لاڙو وٽ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب سوين گاڏيون بيهجي ويون آهن ۽ عوام کي سخت ڏکيائن سان منهن ڏيوڻو پئجي رهيو آهي آخري اطلاعن موجب ڊي ايس پي ڪنڊڪوٽ يار محمد رند ۽ ايس ايچ او ڪرمپور واقعي واري هنڌ پهچي وارثن کان ٽن ڏينهن جي مهلت وٺي روڊ کولرايو آهي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو آهي.

بقايا سنڌيار 23

افسوس جي ڳالهه آهي ته سوئيڊن انتها پسند راسمس پالوڊن کي پيغمبر صه جي توهين آميز خاڪن سميت قرآن پاڪ جا نسخا ساڙڻ تي خاموشي تي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وڃي ٿي. محمد اسعد ثاني وڏيڪ چيو ته سوئيڊن جي سياست تي سڄي هٿ پاران قرآن پاڪ جي نسخن کي ساڙڻ تي سوئيڊن جي خاموشي فقريه لمحو آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي هن عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي اهڙي واقعن جي روڪٿام لاءِ قدر کنيا وڃن.

بقايا سنڌيار 24

جو اظهار ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاه ٺاروشاه ۾ ايس يو پي جي مرڪزي مالياتي سيڪريٽري مختيار حسين ميمڻ جي پيڻ جي وفات تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هن وقت ملڪي صورتحال سنگين مسئلن بجلي گئس تيل ۽ مهانگائي جي ور چڙهي ويو آهي پر حڪمرانن وٽ ڪا به پاليسي نه آهي سواءِ ڪرپشن ۽ لٽ مار جي تازو مينهن متاثرين ۽ ٻوڏ متاثرين کي هٿ سان سنڌ جي ماروڙن کي ٻوڙهي در بدر ڪري ٻاهران آيل امداد ڪرپشن جي ور چڙهي پنهنجا ٻچا پريا جڏهن ته مرتر وي ميڪا اسڪينڊل به اوهان جي سامهون آهي زرداري ليگ جا واتا ڪک پتي مان ڪروڙ پتي ٿي ويا آهن هن چيو ته زرداري مافيا سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۾ ڪا به قصر نه ڇڏي آهي هاڻي سنڌ جي شعور ۽ آيندي کي اهيو سوچڻو پوندو ته هو اليڪشن ۾ سنڌ دوستن کي ووٽ جي ذريعي انقلاب جي صورت ۾ ڪامياب ڪرائي ته جيئن ڪرپٽ حڪمرانن جو خاتمو آئي سنڌ کي ترقي طرف ڏکي سگهجي ان موقعي تي ايس يو پي جي چيئرمين اسلم ڪوريجو ٺاروشاه سٽي صدر فرحان سومرو ڪاشف سيال منو منگي خادم سيال مهر وسطڙو صحافي ايم ايم عباسي بشارت سومرو راشد ميمڻ ۽ پيا سائس گڏ هيا

بقايا سنڌيار 25

ڪري ٻهراڙين ۾ پڙهيل لکيل عورتون گهٽ آهن هن چيو ته نيائين جي تعليم لاءِ سنڌ حڪومت جوڳا اپاءِ وٺي رهي آهي هن چيو ته هن گڏجائي جو مقصد به اهو آهي ته اسان سب اسٽيڪ هولڊر گڏجي نيائين جي تعليم ۾ آيل رڪاوٽن کي دور ڪريون ته جيئن شهر سان ٻهراڙيءَ جون نيائين به تعليم حاصل ڪري سگهن هن چيو ته هڪ مرد جي پڙهڻ سان هڪ فرد پڙهي ٿو پر هڪ عورت جي پڙهڻ سان هڪ فيملي پڙهيل لکيل بڻجي ٿي گڏجائي ۾ ڊي اي او سيڪنڊري ممتاز حسين نوتڪاڻي ڊي اي او پرائمري محمد صالح ڪوريجو ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار ڪوسو ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ۽ پين آفيسرن نيائين جي تعليم لاءِ مفيد مشورا پڻ ڏنا هنن چيو ته ٻهراڙين جي اسڪولن ۾ نيائين جو گهٽ تعداد هجڻ جو وڏو سبب اتي جي اسڪولن ۾ فيميل ٽيچر جي ڪمي آهي چر ته شهر کان پري اسڪولن ۾ آمدرفت لاءِ ٽرانسپورٽ نه هڻڻ جي ڪري فيميل ٽيچر ٻهراڙين ۾ نه ٿيون وڃي سگهن انهي مسئلي جي حل لاءِ اين جي اوز ۽ سماجي اڳواڻن کي اڳتي اچڻو پوندو انهي کان علاوه نيائين جي تعليم جي اهميت لاءِ سيمينار اوبن ڪچهريون ۽ ٻهراڙين ۾ ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ لازمي آهي انهن سمورن مسئلن جي حل لاءِ ريجنل ڊائريڪٽر محتصب اعليٰ فصيح الدين خان ڊي اي او سيڪنڊري جي سربراهي ۾ ڪميٽي پڻ جوڙي ڇڏي آهي جيڪا نيائين جي تعليم جي بهتري لاءِ تجويزون ڏيندي.

بقايا سنڌيار 26

ڊپٽي ڪمشنر سڪر جي فوڪل پرسن سمندر پٽو، ليگل ايڊوائيزر جي سيڪشن هيڊ احمر رضا شاه، ذوالفقار ميراڻي: آفرين: ٽيم آرگنائيزيشن سنڌ جي صدر عاشق ڇاچڙ: سميع الله مهر: حسن عباس ۽ پين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سڪر جي فوڪل پرسن سمندر پٽو ۽ پين تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سموري سنڌ ۾ سنڌ حڪومت پاران برسات ۾ ٻوڏ سبب متاثر ٿيل ماڻهن جي سهائتا لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ان ٿي سلسلي ۾ سڪر جي ڊپٽي ڪمشنر شهزاد طاهر ٿهيم پاران ٻوڏ متاثر ماڻهن کي سردي کان بچائڻ لاءِ ڪمبل ورهايا پيا وڃن هنن وڏيڪ چيو ته ٻوڏ متاثرن جي مڪمل بحالي لاءِ اڃا به وڏيڪ قدم کنيا ويندا ۽ سنڌ حڪومت پاران انهن جي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي ته جيئن هو پنهنجي زندگي پهريان جيان بهتر تموني گذاري سگهن جڏهن ته تقريب ۾ يوسي ناصرآباد جي وائس چيئرمين محمد اسلام ڄاڙيڙ ۽ پين پڻ شرڪت ڪئي ۽ گوڊائن پاران ڊپٽي ڪمشنر سڪر جي اهڙي قدم کي ساراهيو ويو

بقايا سنڌيار 27

احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽي هنيو ويو انهي موقعي تي ڊرٽي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو 5 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود پوليس پاران ڪيس داخل نه ڪرڻ ۽ جوابدارن کي گرفتار نه ڪرڻ هڪ افسوس ناڪ عمل آهي جنهن اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ مطاليو ٿا ڪريون فورن ايف آئي آر داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ هلاريندي انهي موقعي تي ايس ايچ او ستي ۽ ڊي آئي ٻي احتجاج ڊرٽي واري هنڌ ٻهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڊرٽي ختم ڪرايو

بقايا سنڌيار 28

. موسمي تبديلي، ساحلي ترقي، ٻوروڙ ۽ يونيورسٽيز محمد اسماعيل راهو ۽ ڊائريڪٽر جنرل سيپا نعيم احمد مغل جي هدايتن تي ريجنل انجارج سيپا گل امير سنبل پنهنجي ٽيم سان گڏجي ماءِ ۽ ٻار جي صحت مرڪز نواب شاهه جو دورو ڪري صفائي جي صورتحال جو جائزو ورتو ان موقعي تي سيپا جي ريجنل انجارج گل امير سنبل چيو ته اسپتال جي دوري جي موقعي تي اسپتال جي طبي ڪجرو ختم ڪرڻ واري مشين (انسزيٽر) ته هڻڻ ڪري ڪجرو روڊ تي ساڙيو پيو وڃي جڏهن ته اسپتال جي واردن مان نڪرندڙ ڪجرو پڻ منع ٿيل جڳهن تي اڇلايو پيو وڃي جنهن سبب بيماريون ڦهيلجي رهيون آهن هن وڏيڪ چيو ته اسپتال ۾ صفائي جي خراب صورتحال تي سيپا ٽيم پاران اسپتال انتظاميه